
كنذي أَكَ قُلاريا
تاجل بيوس

پيارُ -
جگديش لڇاڻيءَ لاءِ

تاجل بيوس
30.11.92

ڪتاب چوونجاهون (54)

ڪنڌيءَ اَڪَ ڦُلاريا

(شاعري)

تاجل بيوس

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ

1992ع

E.G. Bew

سَــــچُ کِ سُکو ڍورُ، کنڌيءَ آکَ ڦلاريا
جُنگن چڙيو زورُ، سَــرُ سُکو، سُونگي گيا؟

(شاهه)

ڪتاب جو نالو: ڪنڌيءَ اَڪَ ڦلاريا
موضوع: شاعري
ليکڪ: تاجل بيوس
ڇاپو: پهريون
ڇپجڻ جي تاريخ: آڪٽوبر 1992ع
ڪمپوزنگ: سنڌ ٽيڪ ڪمپوزر، حيدرآباد

سنڌي ساهت گهر، ڪتاب نمبر (54)
قيمت =/ 60
سٺ روپيه

KANDHI'A AKK PHULARYA (Poetry)
By TAJAL BEWAS
Published by: Naz sanai
Sindhi Sahat Ghar - 3 Nizam lodge
Gari Khato Hyderabad Sindh
First Edition: Oct: 1992
Per Copy: Rs 60/=

پهه اکر

تاجل بيوس، سنڌيءَ جي انهن شاعرن ۾ شامل آهي، جن پنهنجي محنت ۽ لڳن ڪري، سنڌي عوام وٽ ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. تاجل بيوس اهو شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ جا موضوع ۽ مضمون نيٺ سنڌي سماج سان ڳانڍاپيل آهن. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ويلن ڪانسواءِ هر اُن خوشيءَ ۽ الميي جو سندس شاعريءَ ۾ ذڪر ملندو، جيڪي سنڌي ماڻهن سان پيش آيل آهن. هن جي ٻولي، محاورا، تشبيهون، موضوع، سڀ جا سڀ عوام جا آهن ۽ عوامي ٻوليءَ ۾. ان ڪري ئي هو عوامي شاعر سڏجڻ لڳو آهي.

هُن جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل ٻولي قديم ۽ جديد مروج ٻوليءَ جو سنگ ميل آهي. ۽ سندس شاعريءَ مان اهو هڳاءُ ٿو اچي جيڪو سنڌ امان جي مٽي ٻوليءَ جو هنئڻ گهرجي. جڏهن ته اسان جي هاڻوڪي ادب ۾ اسان جي پراڻي ٻولي وسريل آهي ۽ نئين ٻوليءَ جو به بگاڙو نظر ايندو، پر تاجل پنهنجي ٻوليءَ ۾ اها سونهن سلامت رکي آهي، جنهن سونهن ڪري، اسان پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ٿا ڪريون، جنهن ٻوليءَ کي پڙهي، هرڪو اها ڳالهه بجا سمجهندو ته اسان کي پنهنجي ٻوليءَ تي ڇو ناز آهي ۽ اها ڪيڏي نه پياري آهي!

تاجل جي شاعريءَ جو هيءُ پهريون مجموعو آهي جيڪو اسان جي اداري طرفانِ شايع ٿي رهيو آهي، اميد ته سندس ٻيا ڪتاب پڻ ترت اوهان تائين پهچائبا.

حيدرآباد 12 سيپٽمبر 1992ع — نار سنائي

سرڳواسي رام پنجواڻيءَ جي نالي،
جيڪو سيتا سنڌو ۾ون ۾ ڪلا - گهر
جوڙائي، ڀارت جي سنڌين جا ميڙاڪا
مچائي، اسان جي ٻولي، ادب ۽ سڀيتا
کي اَمرتا، بخشي ويو آهي-

•

تاجل بيوس

اٿن. اُن تي پوءِ اچبو، پهرين رس جي ڳالهہ ڪريون.

مبون جو رس پنهنجي جاءِ، گلن جي رس- ماکيءَ جو مَهَتَ بہ پنهنجو. انگور جي رس- شراب جي مستي ۽ مهما بہ پنهنجي جاءِ، پر هتي جنهن ڪاويہ رس جو ذڪر ڪيا ڪريون، سو ڪا ڳالهہ ٺئي ئي آهي. اُهو زمان ۽ مڪان جي ٻنڌن کان مُڪت ڪندڙ هڪ دِيہ (Divine) آنند آهي. اُهو هردي مان اُتپن ٿيندڙ ۽ هردي سان محسوس ٿيندڙ، هردي جو رس آهي.

هر اِنسان جي هردي ۾ اِستائي ڀاوَ (قائم جذبا) ٿين ٿا. اُهي وِڀاوَ (سَببي جذبن)، اَنوَ ڀاوَن (ٻاهرين اَثرن) ۽ وِڀيچارِي ڀاوَن (واهروَ جذبن) سان سِپجي رَس جو سِرجڻ ڪن ٿا. اُهو رس ئي معراج جهڙي حالت تي رسائيندڙ آهي.

ڀرت مُنيءَ جي رس واري سڌانت ۾ وقت گذرندي ترميمون ۽ اِضافا بہ ٿيا. شَنڪُڪ رس واري ترڪيب (Process) ۾ ڪويتا ٻڌندڙ/ ناٽڪ ڏسندڙ کي بہ آڻي، اُنکي ان جو اَنوَٽ حصو بڻايو. بهرحال اِن سڌانت کي جن مهارَٿين اِنقلابي موڙ ڏنو، سي هئا ڀَٽنايڪ ۽ اَڀينَوَ گپت. هُنَ اِن نظرئي کي الاهيات ۽ فلسفي وارو رنگ ڏنو، جنهن سان رسَ 'خارجي وجود' مان بدلجي هِڪَ 'داخلي وجود' ٿي پيو- ٻُڌندڙ يا ڏسندڙ جو سِڌو اَنيو ٿي پيو. اِنهن آچارين جو وشواس هو تہ رس جو انيو ڪو دينوي لطف نہ آهي، پر آتم سمائو لطف آهي، جنهن جي سمپرڪ سان ڀاٺڪ جو پنهنجو آتم (Own Self) 'پرم آتم' (Absolute Soul) سان ملي هِڪَ ٿيو وڃي. اِن طرح رس آنند جي هڪ اوُچنتي تجلي آهي، جيڪا ڪو درشيہ ڏسندي يا ڪويتا ٻڌندي جَرکي اَتي ٿي. رس جو انيو پرم آتم جو پُورن اَمرتا- پريو آتم پٽو آهي، جيڪو هر طرح ٻاهرئين اثر کان مُڪت هِڪَ اهڙو انيو آهي، جهڙو يوگي يا ڪامل پرش 'ڀاڻَ لَهڻ' (آتم ساڪياتڪار) وقت ڪندا آهن.

پهرين ڀاڻ وِڃاءِ، ڀاڻ وڃائي، 'ڀاڻَ لهہ' ڪاويہ جو رس بہ ڪوي، ڪويتا ۽ ڀاٺڪ تنهي جي وجود کي رِجائي هِڪَ ڪيو ڇڏي. هاڻي ڏسجي تہ اِهو آتم- ساڪياتڪار ٿئي ڪيئن ٿو. ڀٽنايڪ موجب اُهو 'ڀاوَ ڪٿوَ' يعني امنگپٽي جي شاعراڻي ترڪيب ذريعي ٿئي ٿو، جنهنکي سنسڪرت ۾ 'ساڌارٽيڪرڻ' چيو اَٿن. اِن ساڌارٽيڪرڻ سان مخصوص يا شخصي انيؤ بدلجي عام انيو ٿيو پوي، ڪُليل هوا وانگر، جنهن مان ڪو بہ ساهہ کڻي جيوت پائي سگهي. اِن پرڪريا سان ڪويءَ جو سُک جو احساس سڄي جڳت لاءِ سک جو احساس، ڪويءَ جي پيڙا سڄي جڳ لاءِ پيڙا جو احساس، هُنَ جي حب الوطنيءَ جي ڀاونا سڀني لاءِ حب الوطنيءَ جو احساس ٿيو پوي.

رس جي سڌانت جِي، جدا جدا فلسفن موجب تشريح ڪندي، شنڪُڪ اُن جي 'نِيايہ' سرشتي موجب، ڀٽنايڪ 'سانکيکيءَ' موجب، اَڀينو گپت 'شوَ مت' موجب پنڊت جگن ناٿ 'ادوئٽ ويدانت' موجب تشريح ڪئي. پر مان جيڪر اُن جي تشريح وحدت الوجود واري سڌانت موجب ڪريان- رس واري ترڪيب (Process) هيٺ شاعر، اُن جو مڪمل شعور، شعر ۽ اُن جا تمام جُزا سهجہ ئي

مهاڳ

(رس ڪان وينجنا تائين)

نَوڪِي ڏهہ سال اڳ تاجل بيوس مونکي پنهنجو نئون شايع ٿيل ڪتاب 'جڏهن پونءَ ٻٽي' موڪليو هو. اُهو پڙهي مون هڪ انوکو رس محسوس ڪيو هو، هڪَ اهڙو آنند، جهڙو هوند ڪا اعليٰ درجي جي رچنا پڙهڻ سان پڙبي. اهڙو آياس ٿيم تہ سنڌي شاعريءَ جي هن دؤر ڪي هڪ نئين نِرالي پِرتيا ملي رهي آهي. تاجل جي ڪويتائن جي ڪلاسيڪي ڍنگ مونکي گهڻو متاثر ڪيو ۽ مان ڀانيان ٿو تہ ڪتاب بابت تاثرات ۾ مون اِئين بہ لکيو تہ 'هيءَ شاعري سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جِي هِڪ خوبصورت (Extension) يعني وسعت آهي.'

سنڌيءَ جي حوالي ۾، ڪلاسيڪي رنگ ۾ لکڻ هوندئن اڄَ ڪالهہ ڪا نئين ڳالهہ بہ نہ آهي، جو تازو گذريل ڏهاڪن ۾ اِها ڳالهہ هڪ فئشن طو، بہ هلي آهي. بهرحال، تاجل جون ڪويتائون اهڙي فئشن ڪان آجيون پئي لڳيون، اُنهن مان اصليت جو هُڳاءُ پئي آيو. اصل ڪي پنهنجو هَڪِ اُهاءُ ٿيندو آهي، اُنهن مان اُهو اُهاءُ بکي رهيو هو. اُنهن ۾ پختگي ۽ گهرائي تہ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي هئي، پر سوچ اڇوڪي هئي.

جيڪا شاعري پنهنجي فطري ماخذ- دل جي سچي جذبيِ، ڪلپنا، پنهنجي ڌرتي، پنهنجن ماڻهن، پنهنجي وايو منڊل سان رل مِل ٿي، وِينجنا ڀري ڀاشا ۾ (Suggestive Language) رچي راس ٿي نڪري ٿي، اُن جو رسَ ئي انوکو ٿئي ٿو ۽ تاجل جي ڪويتا اُن رَسَ واري ڪويتا آهي.

رس کي ئي ڪاويہ (اُتم شاعريءَ) جي آتما مڃيو ويو آهي. سنسڪرت جي سُدرتا شاستر (علم جماليات) ۾ رَس جو نظريو پهرين ناٽيہ (عموماً ناٽڪ) جي حوالي ۾ ڪم آيو هو ۽ ۾ءِ مڃتا پائيندو ڦهلجندو اُتم شاعريءَ لاءِ بہ لازمي ٻڌجي پيو. ڀرت مُنيءَ (ٻين صدي) جي 'ناٽيہ شاستر' ڪان وٺي اڄ تائين اِهو لفظ سندرتا جي آنند يا جمالياتي لطف جي عڪاسي ڪندو پيو اچي ۽ اِهو جمالياتي لطف ئي شاعريءَ جو روح يا جوهر آهي.

ناٽيہ يا شاعريءَ جي حوالي ۾ رس جي معنيٰ ڪا رواجي رس واري نہ آهي. سنسڪرت جي آچارين موجب تہ هر پدارٿ جو پنهنجو رس آهي، جيڪو اُنجي آتما آهي. ڇاندوگيہ اُپنشد ۾ اچي ٿو تہ، 'سمورن پدارٿن جو رس ڌرتي آهي، ڌرتيءَ جو رس جل آهي، جل جو رس جڙيون ٻوٽيون (اوکڌون) آهن، اوکڌن جو رس اِنسان آهي، اِنسان جو رس واڻي آهي، واڻيءَ جو رس رِچا (ويد) آهي، رچا جو رس سام(Equilibrum) آهي ۽ سام جو رس اُدگيٿ آهي. اُدگيٿ ڪي اجر اَمر چيو

(انبن جهليو ٻور، ص ٨٣)

تاجل بيوس بنيادي طرح شرنگار رس جو شاعر آهي. سونهن، سندرتا ۽ سچائيءَ جو شاعر آهي:

ڳجهارت ڪي ڳول
سندرتا ۽ سچ جي
خزانـن ڪي کول
(تاجل)

هونئن تہ هر شاعر يا ڪلاڪار جو سونهن ڏانهن ڇڪجڻ ۽ اُنکي اِظهار ڏيڻ سڀاويڪ آهي، پر تاجل کي سونهن کي پرکي لهڻ ۽ اُنکي اِظهارڻ جي هِڪ بي جوڙ ۽ غير رواجي شڪتي آهي. هن جي پنهنجي سندرتا پري دِرشتيءَ جو سپرش پائي، معمولي ۾ معمولي چيز، ساڌارڻ ۾ ساڌارڻ دِرشيہ (نظارو) بہ شاهڪار بڻجيو پوي. هِن درشيہ جي ڀِومڪي سندرتا ڏسو:

گھَرا گھاوَ وِڌا
گھَاگھر گھاگھر تي
آئي وارِ ڪِنڌي، نينگر نيسر تي.
ڳاڙها گُل چَنيءَ جا
چمڪن سانوڻ ۾.
ڏاڍا مينهن وَٺا، سَرها گاهہ ڦٽا
صَوفي ٻير پڪا
موڻي آءِ مِٺا
ڪونجان ڪَيچ وٺن تي ڪَرڪن سانوڻ ۾.

هي گيت شرنگار رس جو هڪ اُتم مثال آهي. گيت پڙهندي، يڪدم سامهون ايندڙ درشيہ ۽ اُن مان اُپرندڙ ڪلپنا مان جيڪي جمالياتي سِمتون اُپرن ٿيون، تِن سان تن ۽ من کي ۽ پوري وجود کي هڪ عجيب سُڪون ملي ٿو. اهڙا اهڙا ڀاوَ پيدا ٿين ٿا، جن سان ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇُهڻ، محسوس ڪرڻ جا سمورا حواس نهال ٿيو وڃن. گيت 'وِيوگي (وڇوڙي واري) شرنگار' جو آهي. ڪنهن پريميءَ کي 'وار ڪِنڌي نيسرتي آيل نينگر' کي ڏسندي، پنهنجي محب جي ياد اچي ٿي. هِتي نينگر ڪلاسيڪي ڀاشا ۾ 'آلمبن' (يڪدم ڪارڻ)، گھاوَ، ڳاڙها گل، سانوڻ، مينهن، سَرها گاهہ، صوفي ٻير، ڪونجن جو ڪرڪڻ، ڪلاسيڪي ٻوليءَ ۾ اُديپن' آهن، جيڪي پريميءَ جي جذبن کي وڌيڪ ڇيڙين ٿا. شاعر، پريميءَ جي دل ۾ پوندڙ گھاون کي، ڦيري گھاگھر جي گھاون مان محسوس ڪرائي ٿو. 'ڪِنڌي' لفظ وارن جي ڳونڌ جو پرتک احساس ڪرائي ٿو. 'ڳاڙها گل چَنيءَ جا' وارو اِظهار ڏِسڻ جي حواس کي، 'سَرها گاهہ ڦٽا، سنگھڻ جي حواس کي ترپت ڪن ٿا. 'صوفي ٻير پڪا سان وري ڏسڻ جو حواس نهال ٿيو پوي. 'ڪونجان ڪيچ وٺن تي ڪَرڪن سانوڻ ۾' سان ٻُڌڻ جي حواس کي سڪون پيو ملي ۽ اِئين پيو محسوس ڪجي چڻ ڪونجن

ملي هڪ اهڙو تاثير پئدا ڪن ٿا. جيڪو سخن فهم يا ڪويتا پڙهندڙ (سهِرديہ) جي شعور ڪي بہ پاڻ سان هم رنگ ۽ هم وجود بڻائي، هِڪُ مڪمل وجود ٿيو پوي- هڪ اهڙي ڪيفيت جنهنکي بيان ڪري ئي نٿو سگهجي يا اگر بيان ڪجي بہ تہ اِئين چئجي ڪٿي تہ اُها هِڪُ 'چوڏس چِٽائي' واري اِستتي آهي!

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو چوڏس چٽاٽو
منجهين ڪاڪ ڪکوري منجهين لڏاٽو
راٽو ئي راٽو، ريءَ راٽي ٻيو ناهہ ڪين.

۽ اهڙو ئي وجود سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ڪي ۽ اُن ۾ بہ خاص طرح اسانجي سدا حيات شاعر- شاه

عبدالطيف ڀِٽائيءَ جي شاعريءَ ڪي حاصل آهي، جيڪا سنڌي شاعريءَ جي معراج واري حالت آهي. اِن ئي ڪيفيت سبب اُها لاثاني ۽ لافاني شاعري بڻي آهي ۽ آفاقي شاعري بڻي آهي.

اِهو رس وارو پهلو اسانجي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو روح روان آهي. اُهو ڪٿي سُر آسا، سُر ڪلياڻ يا سُر سريراڳ ۾ شانت رس يا ڀڪتي رس ٿي ٿو اُڀري، تہ ڪٿي سُر مومل راڻي ۾، سُر سسئي آبري يا سر سهڻيءَ ۾ شرنگار رس ٿي ٿو نکري يا وري ڪڏهن سر ڪيڏاري ۾ وير رس، اَديت اچرج اُپاريندڙ، رس، ٻيڀتس (ڪراهت پئدا ڪندڙ) يا ڀيانڪ رس ٿي ٿو ظاهر ٿئي.

مطلب تہ اصل ۾ مول اِهو رسُ يا سندرتا وارو ڀوڏ ئي آهي، جيڪو ڪلاسيڪي شاعريءَ جو بہ روح روان آهي.سندرتا جِي ڀوڏ سان مطلب بہ ڪو رواجي معنيٰ ۾ سندر شين، سندر واقعن جي بيان يا سندر لفظن سان نہ آهي. سندرتا چوڻ سان مطلب 'ڪَشش' سان آهي، اهڙي ڪشش جيڪا روح محسوس ڪري، پنجن حواسن مان ڪي بہ محسوس ڪن، پوءِ اُها اک کي ڀلي نظر اچي يا نہ اچي، ۽ اُهو احساس بہ وينجنا ڀريءَ ڀوليءَ (Suggestive Language) ۾ اِن طرح هجي، جو ڪوي، ڪويتا ۽ سهردیہ (سخن فهم) جي وجود کي هِڪُ ڪري ڇڏي.

اسانجي تاجل ٻيوس بہ سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعري واري طرح ڀِٽائي ڀلاري جِي اَڏ ڇڪي آهي.

سندس شاعريءَ ۾ بہ رس ۽ ڀاشا جي وينجنا جا اهڙا تتو آهن، جيڪي سُن جي شاعريءَ کي چار چنڊ لڳائين ٿا.

سندس شاعريءَ جو ڪو اهڙو ئي پهلو هو، جنهن منهنجي چِت کي چوريو يا ڪا اهڙي ئي ڪسوٽي هئي جنهن جي مدنظر مونکي هن جي شاعري، ڪلاسيڪي شاعريءَ جي هِڪُ خوبصورت وسعت لڳي هئي. ۽ مان سمجهان ٿو، اهڙيٰ ئي ڪنهن ڪيفيت مان گذرندي، تاجل ٻيوس جي ڪتاب جي حوالي ۾ اُتم ۽ سندري اتمچندانيءَ کي بہ اِئين چوٽو پيو تہ 'جڏهن پونءَ بڻي' ڪتاب پڙهيوسين تہ سنڌ جي سرهاڻ ٻي- سُرت ڪري ڇڏيو. اِن سرهاڻ جو واسُ ٻهرين شيخ اياز ونايو هو ۽ هاڻي تاجل اُن ۾ اِضافو ڪيو آهي. مڃيوسين تہ اصل ۾ مکيہ ڪوي سنڌ جا ئي آهن.

ڪري نار تي پاٺي پريندڙ نينگرين، جا، ’سرنهن جي ڦولار‘ مان اُپرندڙ ’روشنين جي ليڪ‘ جا گيت جهونگارڻ جي رهي آهي: پر اڄ جو سنڌ ۾ ڪيڏارا ڳاتا پيا وڃن ته سندس سُرَ به بدلجي ويا آهن. سندس ڪويتا ۾ اڄ اِنقلاب ۽ آزاديءَ جون ڌارائون ڦٽي نڪتيون آهن.

دراصل سنڌ جي پومي آهي ئي سچ، سُونهن ۽ ڀلائيءَ جي پومي. سرشٽيءَ جي آرنڀ کان ئي سنڌوءَ جي ڪنارن تي گهاٽن سندر ٻيلن ۾ ويهي، اسانجن آڳاٽن دانشورن سچ جي مام کي سمجهڻ جا، سنڌ ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ وسيلا جوڙڻ لاءِ جاڪوڙون ڪيون. هِن سنڌوءَ جي ڪنارن تي ئي ٻج، ڪيتيءَ، هَرَ، چڪري (ڦيٿي) ۽ اگنيءَ (اِنرجيءَ) جون اِنقلابي ڪوجنائون ٿيون، جن سان سپيتا ۽ سنسڪرتيءَ (تمدن) جو واڌارو ٿيو:

سنڌوءَ سامائي، اسان چرخا چوريا
اڳي ڪَن فيڪون ڪان آتڻ آڏائي
چارڻ چَوائي، سڳرو وتوسين سنڌ جو.
(تاجل)

موئن جي دڙي جي سپيتا سنڌ جي اِن ڪلياڻ ڪاري سَياءَ جي شاهد آهي ۽ اِن حقيقت کي روشن ڪري ٿي ته سنڌ جا ماڻهو سپيہ ۽ سانتيڪا پئي رهيا آهن. تاجل جي شاعريءَ جو به بنيادي سياءُ اِهو ئي آهي:

پَٽ جهوپا. ڪڻ پڪڙا. رڪَ ڪَلهي تي هَرَ
چڙهي آهي چيٽ ۾، ڳنديرن تي ڳرَ
ڪارونجهر جي ڪور تي وِڃن وانگي ورَ
ٿيندا ڪيچ ڪٽن مان تڪو ناهي تر
ڪڻ ٻورا ڪاهه ولر، ته ڏجن واس وجود کي.

پر اڄ جو اُن پونءَ جي پيل ٿي آهي ته سنڌ وطن به چڻ ڪربلا بڻجي پيو آهي. هو جمالي ۽ همرچي جي پومِيءَ تي ڪلاشنڪوف جا آواز پيا ٻڌجن:

نگر جون ناريون، هٿ ڪلاشنڪوف تي،
وِڙهن وڻجاريون، اٿ ئي پِهر اَنياءَ سان.
(تاجل)

اِهڙي فضا جو هڪ حساس دل شاعر تي اثر پوڻ لازمي آهي. سنڌو، جيڪا سنڌ جي جيون- ريکا آهي، اُن جي وجود جو آڌار آهي، تنهنکي ڪتجندو ڏسي، سندس هينئين مان هُوڪ نڪري ٿي اُٿي:

هوُ جو سنڌ- درياءُ، وهندو هو وٽڪار مان
وريو کهڙو واءُ، جو آهي ڇڄي اڌ ٿيو.

سچ ۽ سونهن ته ڀليون ڳالهيون، پر جڏهن هِڪ مڪمل قوم جي وجود کي ئي خطرو هجي ۽ اُنکي نيسيت ونابود ڪرڻ جون تياريون ٿينديون هجن ته پوءِ سچ جو طرفدار ليکڪ ۽ شاعر ڪيئن ٿو چپ ويهي سگهي. چوندا آهن ته تنگ آيد،

جو ڪُرڪڻ پيو ٻڌجي، جو دراصل پريمِيءَ جي دِل جي دانهن، اَندر وچي ڪرڪڻ ڪِنجهڻ ڪي اِظهار ڏئي ٿو. اهڙي سندر اِظهار سان ماٺهو پنهنجي سَڌ ٻڌ ٻَلايو هِڪ ٻئِي جڳت ۾- ڀاونا جي جڳت ۾ پهچيو وڃي.

تاجل ڪڏهن نيسر تي آيل نينگر جو ورڻن ٿو ڪري، ته ڪڏهن تلاءَ تي وار چوڙي وهجندڙ مُوملن جو، ته ڪڏهن وري نم جي لام ڪي لوڏي، نموريون ڇاٽيندڙ نينگر جي اِسپاس آئي ٿو بيهاري:

نينگر نموريون
ڇاٽيون ڇپر ڪٽ تي،
لوڏا ڏيئي لام ڪي
پيليون ۽ پُوريون، نينگر نموريون.......

ته ڪڏهن وري سندس نظر تتل ٻه پهريءَ جو ڪنهن تلاءَ ۾ ڪُمن ۽ ڪمل جي گلن سان گڏ وهنجندڙ ٻالڪ واري سندر نظاري ڪي جهٽي ٿي وٺي:

’ڪنڌيءَ ڪُم لڙهن نيلوفر سان نِير تي
ٻن پهرن جو ٻارڙا پاٽيءَ پاڻ وِجهنِ
ڪوٽين ۽ ڪُمن پري سونهن سرير ۾.‘

تاجل جون شرنگار رس واريون ڪويتائون ڪاجوراهو جي مورتين (Sculpture) وانگر سندرتا جو ٻوڌ ڪرائيندڙ آهن. ۽ نه، نفس ڪي آتاريندڙ. ڪنڌيءَ جي لام تي ٻه هن ڪي رنگبرنگي چنيون ڦهليل نظر اچن ٿيون.

چُنيون ڪنڌيءَ لام تي،
اُچليون ڪنهن امل.

ڪڏهن ڀورين جي ڪنيڙاٽيون ڪولڻ واري سندرتا جو درشن ٿو ڪرائي ته ڪڏهن اُنهن جي ٻَلَ ڏيئي اُڏامڻ ڪي شبدن ۾ جهٽيو وٺي:

ڪوليندڙيون ڪنيڙاٽيون
ڀوريون ڏيئي ٻَلَ.

هِن مجموعي جي هيٺين وائي ٻه شرنگار رس واري ڪويتا جو سهڻو مثال آهي:

تترن جي جوڙي
گوريءَ پالي گجِ ۾
ٻِڙ ٻه ٻاڙهي ٻگل تي
رکيو ٽئين روڙي.

هِتي ٻگل جي روڙي ٻِڙ سان مشابهت خاص ذڪر لائق آهي. جنهن سان ٻگلن جو سرو ٻِڙا رنگ ۽ اُنهن جي ٻِڙ جهڙي مدرتا نِڪري ٿي بيهي.

تاجل آهي ته اصل شرنگار رس جو ڪوي، پر اڄ جو سنڌ ۾ رُتَ ڦِري آهي، بسنت جي رُت ۽ ٻاڙهن هيرن جي رُت آئي آهي، ته سندس ڪويتائن ۾ ٻه وير رس جو سنچار ٿيڻ لڳو آهي. هو آهي ته اصل ڪا موڏ ۽ ڪلياڻ جو شاعر، سارنگ ۽ سِريراڳ جو شاعر، جنهنجي پهرين پسند ته ’مرڪٽين مُوملن‘ جا، ’چُنيءَ جي اوٽ

ڇيڇجي رهيو آهي.

سنڌ جي ڏکويل ۽ ڏکندڙ عوام لاءِ سندس همدرديون ۽ وطن دشمن عناصرن ڏانهن سندس نفرت ۽ عداوت جا جذبا به 'جڏهن پونءِ ٻٽي' توڙين 'سنڌ منهنجي امان' ۾ جان تان نمايان آهن سَر ڪلاچ وارا بيت به اِنجو سهڻو مثال آهن. بهر حال موجوده مجموعي 'ڪنڌيءَ اَڪَ ڦلاريا' ۾ سندس شاعري هِڪَ ڇِتي ۽ نمايان ڏسا وٺي بيٺي آهي. هِن مجموعي جي وِير رس وارين ڪويتائن (Heroic Poetry) سان تاجل آزاديءَ ۽ اِنقلاب جي شاعر طور اُڀري بيٺو آهي.

ڪتاب جي شروعات ئي 'ايندو اِنقلاب' نالي باب سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ شاعر پنهنجن هم وطنين سان مخاطب ٿي چوي ٿو:

اڃا تنهنجي ڪنڌ جو ڇِتو ناهي ڦٽَ
ڳچيءَ وارو ڳٽَ، سٽ تہ سوپارو ٿئين

ڪيس پنهنجي مهان اِتهاس جي، پنهنجي اونچي سيتاجي پنهنجي فخر جوڳي ورثي جي پيليءَ پت چاڻ آهي. اَن ئي حوالي ۾، غفلت ۾ ستل وطن وارن کي جاڳائيندي چوي ٿو:

تو ڪيئن پاتو طوق، ڪانئر هيڏي ڪنڌ ۾!
هيو سمورو لوڪ، آجو ڳچيءَ ڳٽ کان.

بنسنت رُت، ڳاڙها گل، نئون ايرندڙ سجُ اِنقلاب جو ۽ نئين صبح جو پيغام آڻيندڙ آهن ۽ تاجل جي نئين شاعري اهڙو ئي پيغام کڻي آئي آهي. سانجهيءَ جي ويلي سمنڊ تي لهندڙ سج جو درشيہ ڏسندي بہ هَن کي اِنقلاب جوئي گلابي گل ڦٽندو نظر اچي:

ڦٽي پيو گلاب، لهندي سجِ سمونڊ ۾
اسان انقلاب، اَٿندي ڏٺو اَڄَ تي.

کَلها ۽ کَهاڙا، لاکات ۽ راءِ کنگهار، کرڙي ۽ شاه شجاع ارغون ۽ ٺٽي جي بازار، تاجل بيوس جي اهڙڪي شاعريءَ جا معنيٰ ڀريا اُهج ۽ علامتون آهن، جيڪي سندس شاعريءَ مان بي مثال اثر پيدا ڪن ٿا:

ڪٽي ٿي ڪرڙي، سامون سنڌو ديش جون
اچي شاهہ شجاع مان آهي جا اڙي
اِجها رات لڙي، اِجهو ڦٽو سوجهرو

آزادي ۽ اِنقلاب جي ڪوڏين سرويچ سردارن لاءِ تاجل جو هِڪَ ئي سنيهو آهي تہ:

مَرُ تہ ورهائن مالهٽيون
گهر گهر ڳاڙها گل، ڳائي ڳيچ بسنت جا.

۽ تاجل هِڪَ آشاوادي شاعر آهي، هَن کي يقين آهي تہ
ڳهلا ڳاڙهي سج کي مِلٽي ناهي مات
اجها ٿي پر ڀات، ڦٽندي ڏارا کير جي.

بجنگ آيد. اسان جي شاهه لطيف جهڙي داناءَ بہ چئي ڏنو هو تہ:

ڪڏهن پئجي ڪن ٿي، ڪڏهن ٿِجي واتَ،
ڪڏهن ٿِجي ڪاتَ، ڪڏهن ٿِجي ڀڪرو.
(شاهه)

سو اَجُ اسانجو تاجل بہ شاهه سائينءَ وانگر ئي پڪاري اُٿيو آهي:

بيليون بيلچا، ڪجي آيا ڪوهه تي
وري ترڙ تانگها ٿيا سڪر سنڌوءَ جا
"جاڳو جاڙيجا، ڪاهيو ڪالاباغ تي"
(تاجل)

تاجل بيوس، جنهنجي اصل آرزو تہ اِها آهي، تہ هوُ پنهنجن ساٿيئڙن ڪي ساڻ ڪري، ڪينجهر جي ڪڙ تي مِٺيءَ جا چاٽا ڳوهي، سنڌ جي ٻارڙن لاءِ رانديڪا جوڙي،

(پڪار -۱۴ نومبر ۹۱) سو اڄ جڏهن ڏسي ٿو تہ:

جيئن ڪنهن ڪَڌ مٿان، تڪين مِرون تو ٻچي
تيئن ئي اڄَ اسان، ڏنو جابرَ جوءِ ۾.

اهڙي ئي پس منظر ۾ هوُ پاڻ ڪي ۽ پنهنجن ساٿيئڙن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

اُٿي اوسرَ ٻار، اڄهو مِرون موتيا
آهين تون هِت اَڳڙيا، باقي ڏينهن بہ چار
ماهِر! مرون مار، ساڳاهي جيئڻ سنڌڙي.

تاجل آهي تہ هِڪَ امن پسند شاعر، وجود ڪي واس ڏيڻ لاءِ ڪيت ڪيڙڻ، مال چارڻ لاءِ آماده ڪندڙ شاعر، پر اڄ سندس ترجيحون بدلجي پيون آهن. هوُ للڪاري اُٿيو آهي تہ:

مون پوڪيو آ پوک ۾ ڪاهُو ڪنڊيءَ سان
سِپاٽي اِن مان، گهٽا ئي 'گز' ٿاهبا
يا
مون پوڪيو آ پوک ۾ چاگر چارن سان
سِپاٽي اِن مان سوين سينگون ٿاهبيون.

اڄ سندس ڏيان ديش جي دشمن کي تڙي ڪڍڻ لاءِ 'گز' ۽ 'سينگون' ٺاهڻ تي وڃي کُتو آهي.

تاجل جي شاعريءَ ۾ وطن پرستيءَ جو جذبو شروعات کان ئي موجود آهي. سندس پهرئين ڪتاب 'جڏهن پونءِ ٻٽي' ۾ 'سر مارئيءَ' وارو حصو ۽ ٿر جي ماروئڙن ۽ پين بابت چيل سندس بيت اِن جا ساکي آهن. تاجل جي 'سر مارئي' ۾ حب الوطنيءَ جي جذبي وارو ڪلام پڙهي تہ مونکي اِئين لڳو هو تہ چڻ پتائي گهوٽ شاهه لطيف منهنجي وقت ۾ بہ لکي رهيو آهي ۽ سندس ڪلام گويا تاجل جي نالي ۾

شال تنهنجي ٿي ڪَک مان پيو هر هر ڇمان
ڪير تنهنجو پيئان وير تنهنجو وٿان........

اسانجي شاهه ڀٽائيءَ مارئيءَ جي واتان چيو آهي، تہ مُئي پڄاڻان منهنجي گور پنوهارن جي پاسي ڪجانءِ تہ جيئن اباڻي وطن جي ولڙين جو واس وٺي مُئي پڄاڻان بہ پاڻ کي جيئرو سمجهندس. تہ هيڏانهن تاجل جي وري اِها تمنا آهي تہ هوُ هر جنم سنڌو ماتا جي ڪَک مان وٺي.

هِن صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن گڏيل هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچلَ زور هئي تہ اُن وقت مهان ڪوي بنڪم چندر چٽرجيءَ بہ ديش کي 'ماتا' جي روپ ۾ پيش ڪيو هو. ۽ اُن جي اُستتي ڪندي 'وندي ماترم' گيت ۾ لکيو هو:

وندي ماترم، سُجلام سُڦلام مَليجَ شيتِلام...

(اي ماتا! مان تنهنجي اڳيان سِر نوايان ٿو. تنهنجو پاڻي سُٺو آهي، تون سُٺين ميون واري آهين، تنهنجي هوا هِير جهڙي ٿڌي آهي....الخ...

اڄُ تاجل بہ سنڌوءَ جي ماتا جي روپ ۾ ئي واکاڻ ڪري رهيو آهي، پر هن جو سروڪار اُنَ جي سُٺي پاڻي، ڦلن، هوا وغيره سان نہ آهي، هَن لاءِ تہ سنڌڙيءَ جا 'لاٽا ۽ ليون' بہ چندن برابر آهن، 'ٿر جا ٿوُهر ۽ ڪڇي جا جهنگ جهَر هَن لاءِ سونهَن جا سرچشما آهن، اِئين جيئن مارئيءَ لاِ پنهنجو ملير هو، جنهن لاءِ وطن جي ڪک بہ ڪٿوريءَ برابر هئي. تاجل جو سروڪار تہ سنڌ جا ماروئڙا آهن، جنکي هو پنهنجي سيني ۾ سانڍيو پيو وتي. تاجل جي هن گيت جي سنيهہ ۽ سادگيءَ جي مهانتا جي جيڪڏهن ڀيٽ ڪرڻي هجي تہ سوچ 'شاهہ ڀٽائي'ءَ ' مارئي' تائين وڃي پهچ ڪندي.

تاجل جي شاعريءَ ۾ سنڌ ديش جي ٻهراڙيءَ جي سموري سونهن سوڀيا مورت روپ وٺي اچي ٿي سامهون بيهي. ٿر جي انوپم سندرتا، ڪڇي جا ڀِن ڀِن روپ سنڌوءَ جو دم ۽ دهشت، منڇر جي ماٺائي، اَرڙو جي ارڏائي، ڪينجهر جي چنچلتا ۽ ڪارونجهر جي اَڏولتا تاجل جي ڪويتائن ۾ ساڪار ٿي اُٿن ٿا. تاجل پنهنجي اِبتدائي زندگيِ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ گذاري آهي. هَن اُن ماحول سان، اُتان جي وڻن ٽڻن، پکي پکڻن سان گڏجي سواس کنيا آهن ۽ اُن وايو منڊل جو هِڪَ حصو بڻجي ڏٺو آهي، تنهنڪري ٻهراڙيءَ واري زندگي ۽ ٻهراڙيءَ وارن ڏيکن جو جيترو سَچِيو ورڻن هوُ ڪري سگهيو آهي، اهڙو اڄ جو ٻيو ڪو ڪوُي نہ ڪري سگهيو آهي. نارائڻ شيام جو تہ رايو آهي تہ 'ڀٽائيءَ کان پوءِ ڳوٺاڻو هڳاءُ جيڪو تاجل بيوس جي شعر ۾ ملي ٿو، اُهو اياز ۾ بہ گهٽ آهي. (سپون جولاءِ - آگسٽ ١٩٩١)

منظر ڪشيءَ ۾ تہ تاجل پنهنجو مٽ پاڻ آهي. بنا رنگن ۽ برش جي ڪو رنگبرنگي چِتر چِٽڻ وارو چترڪار ڏسڻو هجي، تہ تاجل کي ڏسجي. اِنڪري ئي شيخ اياز بہ ڪيس مصور شاعر ڪري سڏيو آهي. (سنڌ منهنجي امان جو مهاڳ)

پوکڙ جي ڪناري تہ ڀَتر گلن جي ڇٽا ڇانئي پيئي آهي ۽ اُنهن جون پيليون پنکڙيون ڦهلجي وڃي پاڻيءَ مٿان پيون آهن. نيري پاڻيءَ تي نيرڳ پکي بہ تري رهيا

اڄ تاجل جي شاعري حب الوطنيءَ واري شاعريءَ مان بدلجي مڪمل قومي شاعريءَ واري رنگ ۾ آئي آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته قومي شاعري نعري بازيءَ ۽ سطعيت جو شڪار ٿي ويندي آهي. وڏا وڏا شاعر به اِن ڪُن کان پاڻ بچائي نه سگهندا آهن. پر تاجل جي اِها خوبي آهي جو هُن اِن قسم جي شعر ۾ به پنهنجي ڪلاسيڪي بنياد، خيال جي پختگي، ڪلپنا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه بوليءَ جي وينجنا (Suggestiveness) کي قائم رکيو آهي،

جنهن سان سندس اِن شاعريءَ کي به دائميت ملي ٿي وڃي.

رَسَ نو (٩) َ ٿيندا آهن ۽ تاجل هر رس جو شعر چيو آهي. هيٺ مان هر تي شاهڪار مثال پيش ڪري، بعد ۾ تاجل جي شاعريءَ تي سرسري نظر وجهندس.

اَديٽ (اچرج) رس: مَنڊيون مانگر وات ۾ ڦرٽيءَ جيئن ڦِرن، مڇ مهانڊا ماريا.

بيپتس رس (ڪراهت) وجهي ڳجهن وات، ڇٽيو چم هڏن تان، بيٺيون ڏين آت ڪانئر مٿان ڪيتريون

'سنڌ منهنجي امان' جنهن ۾ سنڌو ماتا جي سونهن جي واکاڻ ڪيل آهي، سو تاجل بيوس جو هڪ امرگيت آهي. سنڌ جي سونهن تي صدين کان پئي لکيو ويو آهي. ويدن جي رشين به سنڌوءَ جي سندرتا تي رچنائون رچيون. رگ ويد جي ڏهين منڊل جي پنجهترئين سُوڪت ۾ سڄا سارا نوَ منتر سنڌوءَ جي ساراهه ۾ چيل آهن، جن ۾ سنڌوءَ جي مهان ۽ گوروَ شالي اِستريءَ (عظيم ۽ پُروقار دوشيزه) سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي.

ان مان هِڪَ منتر ۾ چيو ويو آهي ته:

هندي جون ٻه سٽون

يعني ته "اي سنڌو! سندر گهوڙن واري، سندر رَٿن واري سندر ويس وڳن واري، سونن زيورن واري، اَناج سان ڀرپور شيشم جي ڪاٺ واري، سندر ۽ ڀاڳ ڀري، ماڪي پئدا ڪندڙ وڏن وڏن وٽن جو سهارو به تون آهين."

ويدڪ رشين سنڌوءَ جي مهانتا کي اُن جي سُکن سهنجن جي حوالي سان ڳاتو، اُن جي جوڀن جوانيءَ کي ڳاتو، پر اسانجي تاجل جي ذهن ۾ سنڌوءَ جو روپ 'امان' وارو آهي، هڪ ماتا وارو پاڪ پويتر ۽ ممتا ڀريو روپ، جنهنجي دنيا ۾ ڪا ڀيٽ ئي نه آهي. ٻيءَ طرح جتي ويدڪ رشين سنڌوءَ جي رٿن گهوڙن، سون ۽ زيورن ۽ تمام سُک سمپتيءَ کي ياد ڪيو آهي، ته اُتي تاجل جو ڌيان وري 'سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي ڪڏندڙ ابهم ٻار' 'اَسَر جو اُتي جنڊ جوٽيندڙ ۽ ٻکن تي مَنڊ منڊيندڙ' ڳوٺائي عورت ۽ 'گرم کير ڪنڊ ٻڌجي کهلندڙ سهاڳڻ ڏانهن ويو آهي. سندس نگاهه سنڌوءَ جي ڌن دولت طرف نٿي کڄي، سندس سوچ ته سنڌوءَ ڇاون جي سُکن-سُورن، اُميدن اُتسُن، آرزوئن اَرمانن سان ڳنڍير جي ڳنڍين وانگر ڳنڍي پيئي آهي. ساڳئي ئي نظم ۾ دل جي آس ظاهر ڪندي چوي ٿو ته:

پرڻ سان شاعريءَ کي نواڻ ملي ٿي. جيڪا اُن جي جيئاپي جو آڌار ٿئي ٿي.

تاجل جي شعر ۾ اِهي ٻئي ڳالهيون جيئن جو تيئن ملن ٿيون. خيال جي اڏام جا به وري ڪي آدرش ۽ مريادائون ٿين ٿيون. ڪلپنا جو انيو جي سچائي سان سنبنڌ ضروري آهي. ڪلپنا جي اڏام پرينڊڙ شاعر جي انيؤ تي پختي پڪڙ، شعر کي تهائين وڏيڪ بلندي بخشي ٿي. اِنڪري سٺي شاعريءَ لاءِ مطالعي ۽ مشاهدي کي به خيال جي اڏام جيتري اهميت حاصل آهي.

تاجل بيوس جو مطالعو وسيع آهي، جو هُن جي ڪتابن 'ڪاڇي مٿان ڪونج' ۽ 'انبن جهليو ٻور' مان به ظاهر آهي. سندس مشاهدو به وسيع، ڳوڙهو ۽ پرڀل آهي. هُن ڪڇيءَ عمر ۾ ئي پنهنجي هوش حواس کي ڪليل رکي پنهنجي آس پاس کي، پنهنجي ماحول پنهنجن ماڻهن کي غور ۽ غوص سان جاچيو ۽ پرکيو آهي. اُهو هاڻي جڻ تہ سندس سُڀاءُ ٿي پيو آهي. سنڌ جي ڌرتي، اُن جي ماروئڙن انهن جي سڀاءُ، انهن جي اُٿي ويهڻي، ريتن رسمن کان هوُ بخوبي واقف آهي. سنڌ و وطن جي ڳالهين تي تہ هن کي خاص مهارت حاصل آهي. سنڌ جي ندين، ماٿرين برن بحرن، جبلن پهاڙن، اَدب 'تهذيب' تاريخ، جاگرافيءَ جي هُن کي سموري ڄاڻ آهي ۽ اِنهن سڀني سان هُن پنهنجي چيتنا کي تاڃي پيٽي اُٽي ڇڏيو آهي. انڪري ئي هن جا عڪس، هُن جون علامتون، هُن جي ڪٿي هن جا روپڪ هن جا النڪار گهڻو تڻو سنڌ سان ئي واڳيل آهن.

بهرحال سنڌ سان ايڏي پختي وابستگيءَ جي باوجود تاجل جي سوچ، عالمي ڳالهين، عالمي مسئلن سان به جُڙيل آهي. سنڌ جي هارين، ڪمين ڪاسبين وغيره جو اونو رکڻ سان گڏو گڏ، لبنانين ۽ فلسطينين لاءِ به سندس هڏ ڪُرڪي ٿو:

پڇايم ماني
جيڏا اِن جهاز مان
لهندا لبناني.

هوَ جڏهن سنڌ لاءِ آزار ٻڌجي پيل ڪنهن مَڇَ کيِ مارڻ لاءِ سندرو ٻڌي نڪري ٿو تہ هُن جي دل مان اِها به صدا نڪري ٿي تہ الا مَڇَ مرن ساري هِن سنسار جا.

تاجل لاءِ ڌرتي ۽ اِنسان دنيا جون سڀ کان مهان چيزون آهن. ماڻهو ڪٿان جو به هجي اسان جي صوفي درويشن وانگر هن لاءِ سائينءَ جو سروپ آهي:

ماڻهو هر مِٽيءَ جا سپيئي سبحان.

فن هن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. جنهن جي اڳيان سياسي ۽ مذهبي فرمانن کي هوَ ڪي ڪين ٿو سمجهي:

ڦاڙيو سڀ فرمان. فن نہ ڦاهيءَ چاڙهيو.

هيٺ سندس شاعريءَ مان چند هيون سٽون مثال طور پيش ڪجن ٿيون. جن مان عالمي معاملن ڏانهن سندس تشويش ظاهر ٿئي ٿي.

١. فرمان ڪنهن شهنشاه جو جاري نہ ٿي پوي
هيءَ ڪائنات صحرا جي واري نہ ٿي پوي.

آهن. ان سان جيڪا رنگا رنگي جهل ٿهي آهي، اُنکي ڏسو تہ ڪيئن ٿو ڪماليت سان چِٽي:

پر تي پتر- گل، نيرڳ پڪي نير تي
اچي پيلي نيرڙي مٿان پاٽيءَ جهَل.
سانجهيءَ ويلي سمنڊ تي سج لهڻ جو نظارو وري هينئن ٿو ڏيکاري:
سج ہڏي ويو سير ۾ ڳري ٿي ڳاڙهاڻ
اِسٽول شين ڪي تہ چڏيو، سوڪيم ۾ سوڪيم اِسٽتين کي بہ هوَ قابليت سان جهتيو قلمبند ڪيو وئي.

سوَرج ڪئي تخليق
سرنهن جي ڦولار ۾
روشنين جي لِيڪ
يا
نور پيو نِسري
ڀن ڇڳن جي وچ مان
سج پيو اُيري.

تاجل جا ڪيترا شبد چتر (لفظي تصويرون) پاڻ سان انوکي وِينجنا (Suggestivness) بہ کنيو اچن. اُنهن سان اِنهن شبد- چِترن جو تاثير تهائين وڌيو وجي،. هي چِتر ڏسو:

سورج- لٿي سرَ مٿان رڳو آ رت ڇاڻ
سج کي هٽي ہاڻ، اَچلي ويو ڪو آب تي.
يا
سانجهيءَ ويلي سرَ مٿان ڪيڏو رت هاري!
مارڳ ۾ ماريو، ڪنهن سجَ سِرجهٽار کي؟.

سج ڪنهن مها پرش جي، ڪنهن عظيم رهبر جي علامت آهي، اُنکي گويا ڪنهن ہاڻ هٽي ڪيرايو آهي، جنهن سان سجو پاٽي ڳاڙهاڻ (رتو ڇاڻ) سان پرجي ويو آهي. سانجهيءَ جي ويلا غم، سوگ يا سُنَ جو اُهڃاڻ آهي. هِن شعر کي پڙهي ڪنهن سوَرمي جي شهادت جو چتر اکين اڳو اُيري بيهي ٿو.

اِئين پيو پائنجي گويا ڪو جئدرٿ، ڪو ڏاهر، ڪو سرمد، ڪو ڪنورام، ڪو هيمون، ڪو پتو، ڪو راهُو، اسانجي اکين اڳيان شهيد ٿي رهيو آهي.

سنڌ جي پنهنجن، ڌرتيءَ ڄاون ڏانهن شفقت ۽ ربوبَت جهڙي تجرد حقيقت کي، هِڪ ممتا پري ۽ هڏ ڏوکڻ سنڌ ڄائيءَ جي ذريعي ڏسو تہ ڪيئن ٿو هِڪ لفظي تصوير جو روپ ڏئي:

هِڪُ ڪَچ تي ڀيلهڙا ڀِيءَ ڪچ تي ہار
اصل ڪان هِي بارَ، سونهي منهنجي سنڌ کي.

تاجل جي خيال جي اُڏام بي جوڙ آهي. خيال جي اُڏام ۽ اُن اُڏام ۾ نئون انداز

ڪري مات سمهڻ لڳيون سارنگيون،' جهڙيون وايون ۽ ڪي بيت جڏهن سنڌ ۽ هند جي سريلن ڳائڻن جي ڪنٺ تي ايندا تہ يقينن سنڌي سنگيت جو زيب وڌائيندا.

تاجل بيت، وائي، ڪافي، غزل، نظم، تہ سٽن جهڙين جدا جدا صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ اڪثر هر صنف ۾ پاڻ ملهايو آهي. ايتري هوندي بہ سندس شاعريءَ جي اگر اصل جوين جوانيءَ ڪي ڏسڻو هجي، تہ اُهو سندس بيتن ۽ واين ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. تاجل جي شاعري ڪلاسيڪي نوعيت واري آهي، اُن جا موضوع ۽ ماحول سنڌ جي ڳوٺاڻي جيوت سان واسطو رکندڙ آهن. اِنڪري سندس نِهج جذبو، نهج سنڌي ماحول، نهج سنڌي لحجي ۽ ٺيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾، جڏهن اِن نِهج سنڌي گهاڙيتي ۾ گهڙجي اسان تائين پهچي ٿو تہ اِئين ٿو لڳي تہ ڄڻ ڪا سادي سَودي ڳوٺاڻي سنڌي نياڻي سوَسيءَ جي وڳي ۾ يا سنڌي اجرڪ ۾ سونهندي هجي.

بيت ۽ وائيءَ جي سندرتا ۽ مٺاس ئي پنهنجو آهي، ۽ تاجل آهي بہ سندرتا ۽ مٺاس جو شاعر.

وائيءَ ۾ هِڪَ اندرونِ موسيقي ٿئي ٿي ۽ تاجل بہ اندروني ۽ ٻاهروني موسيقيءَ سان ڀَر شاعر آهي. اِنڪري تاجل جي شاعري وائيءَ ۾ ۽ بيت ۾ سڀ کان وڌيڪ ٺهڪي بيهي ٿي. وائي ۽ بيت هوندئن تہ عشق ۽ سوز جا راڳ آهن، ۽ تاجل جون شروعاتي وايون بہ اهڙي ئي نوعيت واريون آهن، پر هَن تازو ئي آزادي ۽ اِنقلاب، اِنسان پرستي ۽ ٻين موضوعن کي بہ وائيءَ ۾ آندو آهي. خوب قابليت سان آندو آهي.

شيخ اياز جو رايو آهي تہ "تاجل جهڙا بيت ۽ وايون هَن جي ڪنهن بہ هم عمر يا هَن کان گهٽ عمر شاعر نہ لکيا آهن." (ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون: ص ٦٢) بهرحال، مان جيڪر اِئين چوان تہ تاجل جي ڪيترن بيتن ۽ واين کي سنڌيءَ جي بهترين بيتن ۽ واين ۾ شماري سگهجي ٿو.

ٻوليءَ تي تاجل کي جيڪا دسترس آهي، اهڙي مان سمجهان ٿو تہ سنڌيءَ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ شاعرن کي رهي آهي. اِهو مان شبد- ڀنڊار (لفظي خزاني) ۽ شبد - اَرٿ (لفظ - معنيٰ) جي سهنڌ واري پهلوَ، ٻنهي کي ڌيان ۾ رکي چوان ٿو. سندس لفظن جو خزانو تہ اپار آهي، جنهنڪي ڏسيو حيرت وٺيو وڃي. اهڙا لفظ، جيڪي شاهہ لطيف ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن بعد، سنڌي شاعريءَ کان رُسي جهنگ منهن وٺي ويا هئا، يا جن کي نئين پيڙهيءَ جي شاعرن، شاعري جي ڏرتيءَ تان ڏِڪي ڪڍيو هو، يا ڪي اهڙا لفظ، جيڪي شهري ڪرڻ (Urbanisation) جي چپيٽ ۾ اچي ڏترجي ويا هئا، اُنهن سڀني کي تاجل جي شاعريءَ ۾ نئين سَڪونت ملي آهي، اُهي پنهنجي ساڳئي شانَ مانَ، سان سنڌي شاعريءَ ڏانهن موٽي آيا آهن ۽ پنهنجي ڏيا ميا سان وري سنڌي شاعريءَ جو آب تاب وڌائڻ لڳا آهن.

اِها تاجل شاعر جي ئي نہ، سنڌي شاعريءَ جي بہ حاصلات آهي. شاهہ جي رسالي کان پوءِ، مان نٿو سمجهان تہ ايترا گهڻا ۽ اهڙا ٺيٺ سنڌي لفظ ٻئي ڪنهن بہ سنڌي شاعر، شاعراڻي خوبصورتي ۽ ڏانوَ سان اِستعمال ڪيا آهن.

٢. اُڇلايو پيا ائٽم گولا. ڇا ھيءَ ڌرتي ڪاري آھي؟ سندس ھڌ سڄي دنيا لاءِ ڪَرڪي ٿو.
٣. ڪِنا ڪالھہ جي بي خطا پاءُ منھنجا. اي ڌرتي اُنھن جو ٿيڻ آيو آھيان.
۴. امن آزادي، اصل وٺ انسان جي، تو ڪيئن رسا چيلھہ ۾ ڪِچيءَ ۾ ڪِاڏي؟.
تاجل جي شاعري لريڪل (راڳ پري) شاعري آھي. سندس ڪلام ٻاھروني توڙين اندروني طرح سنگيت سان پُر آھي.
’لِرڪ‘ لفظ ڪي عام طور موسيقيءَ جو ۽ ’لِريڪل شاعري‘ ڪي ۽ موسيقيءَ واري شاعريءَ جو ثاني سمجھو ويندو آھي. پر ’لرڪ‘ ۽ ’لريڪل‘ لفظن جي معنيٰ ۽ مفھوم، موسيقي، موسيقيت جيئن آھي عام طرح ڇاتل آھن. تن تي وچي دنگ ڪندا ھجن اِئين آھي ئي ڪانہ. موسيقي ۽ موسيقيت لريڪل شاعريءَ جي فقط صوتي نظام ۽ اُنھن جي وزن قافيہ سان وابستہ آھن.اُنھن جو آوازي پھلوءَ سان واسطو آھي ڇو تہ موسيقي آھي ئي آوازن جي تنظيم يا سُرن جي سِٽاءَ يا آوازن جي ھم آھنگي، جڏھن تہ لريڪل شاعريءَ سان مراد آھي شعر جي سمورن جُزن جي ھم آھنگي. جنھنجو ذڪر مون مٿي رس واري بيان ۾ بہ ڪيو آھي.
جڏھن ڪو شاعر پنھنجي داخلي يا خارجي ڪيفيت جي، بنا ڪا سڄيت ڪوشش وٺڻ جي (Spontaneous) سھج سڀاءَ لفظن ۾ ترجماني ڪندي، اِظھار ڪري ٿو تہ اُھا لِريڪل شاعري ٿي پوي ٿي. اُن ۾ نہ ھجي ٿي وزن، قافيہ يا سھٽن لفظن لاءِ تانگھہ نہ دماغي ڪوٺ ڪوٺان. لِريڪل شاعريءَ جو واسطو بنيادي طرح جذبي سان آھي، ڇو تہ محرڪ داخلي ھجي يا خارجي، اُن جو پھريون گونگو (بي لفظ) اثر دل تي ئي پوي ٿو، جتي اُھو لفظن جو روپ وٺي، شعر تي نڪري ٿو. اھڙي لريڪل جذبي يا ڪڏھن خيال جي اِظھار ۾ لفظن جي سندرتا، رواني، ترنم ۽ موسيقي جيئن عام طرح ڇاتي وچي ٿي، سي پاڻمرادو اڇيو وڃن. اِنڪي ئي لِريڪل شاعري چئجي ٿو ۽ اِھو تت، راڳ وارو تتُ تاجل جي شاعريءَ جو ھِڪُ نمايان گڻ آھي.
اِھو راڳ تاجل جي شاعريءَ جو روح آھي. جيڪو اُن جي رڳ رڳ ۾ رمي رھيو آھي. ان سان سندس شاعريءَ جي ڪا ازلي سڱاھندي ٿي ڏسجي. ڇو تہ سندس معياري ادبي شاعريءَ جي ياترا اڃا شروع ٿيڻ جا سنباھا ئي پئي ڪيا، جو سنگيت اِڪتي وڏي اڃي اُن جو سوا ُگت ڪيو ھو. سندس بيشمار گيت اڳ ۾ ئي سنڌ ۽ ھند جي چوٽيءَ جي گلوڪارن. عابده پروين،عذرا رياض، محمد جمن، وغيره جي گلي جو سينگار بڻيا رھيا آھن ۽ عام ۽ خاص جي زبان تي رقص ڪندا رھيا آھن.
تاجل بيوس جا گيت ۽ وايون ’سنڌ منھنجي امان‘، ’جنگ ڪتي جھونجھار پلي ڪري آيا‘، ’پنڌ پرانھين پار جو‘، ’ڇو ٿيون سيج سجايو پينر‘، ’واجب ناھي يار‘ سندس لريڪل شاعريءَ جا سھٽا مثال آھن. موجوده مجموعي ۾ بہ اڪثر ڪلام لريڪل نوعيت وارو آھي ۽ ’مرَ تہ ورھائن مالھٽيون‘ ’ڇو پڙ واري چال ۾‘، ’مونکي

مثال

١. ڪچو پيچ ڪَنو، جو آويءَ ڪان آجو رهيو

٢. توکي ڪيئن ڪنير، آويءَ مان آئي ڏنا؟
مون ڪان هي ڪينگر، لوڪان لِڪايو ڇڏي.

٣. مون پوکيو آ پوک ۾ کهوُ ڪنڊيءَ سان
سياٽي اِن مان، گهٽائي گز ٿاهبا.

يا

مون پوکي آ پوک ۾، چاگر چارن سان
سياٽي اِن مان سوين سينگون ٿاهبيون.

يا

ڪنڊو ٻير ڪيوڙو ٿيئي ڏسو ٿيلهه،
هن پيري پي هيل، ٻِٽ ٻيڙ سان ٻيلهه، ڪيئن بيٺو آن ڪيوڙا.

مَٿي سچ ڪي ٻاڻ لڳڻ ۽ پاٽيءَ، مٿان رتو ڇاڻ ٿيڻ مان ڪنهن عظيم شهيد جي شهادت جو ڏيک اُيرڻ جي وينجنا جو ذڪر مان ڪري آيو آهيان.

ٻيا ڪي مثال هي به ٿي سگهن ٿا:

١. ڏيهه ڏٺي ڏاتار
ڪنهن ٽنگايو ٽياس تي
مَٺو ناهي مينڌرو جيئرو آ جهوُنجهار

٢. سورٺ ٿي سِهي
مارون مگٿهار جون
ڏيئا ٻاريو ڏات جا مٿان سچ لهي. الخ

ته هاٺي اِهي سموريون ڳالهيون آهن، جيڪي ٻاڻ ۾ رل مل ٿي تاجل بيوس جو شعر ٻٽجي نڪرن ٿيون. سندس شعر ۾ اِها رِل مل سَهجتا ۽ سَياويڪتا پيري آهي، اِنڪري ئي سندس شاعري اوج پيري ۽ اُتم شاعري آهي.

تاجل شاعر ته سهٺو آهي، پر ماٺهو به سهٺو آهي.
يارن جو يار ۽ محفل جو مور. سندس دِل پيار جو گهر آهي.
پيار دل ۾ ته سونهن دنيا ۾
شمع هوندي ته روشني هوندي
(شيام)

’شاهه سچل، سامي، انترراشٽريه سيمينار تي هتي يارت ۾ آيو ته سيني جو من موهي ڇڏيائين. پنهنجي ’ڌرتيءَ ڇاون‘ ۽ ’سندوءَ جي وچڙيل ڌارائن‘ لاءِ سندس صادق جذبن ۽ دلي ارواح ڪي سيني محسوس ڪيو. جتي به هليو، ٻتيهه ڏيئا ٻاري سندس سواڳت (آجياڻو) ڪيائون. سندس سنگت پائي سڀ گد گد پٽي ٿيا. پر هيءَ اياڳو هو جو جذبي وهيٺو ٿي سيني سان روئي پٽي مليو ۽ روئي پٽي موڪلايائين. پاڻ به پٽي رُنو اسانکي به ٿي رُئاري ڇڏيائين.

تاجل ڪيترن ئي نون، ڪيترن غير مُروج، متروڪ لفظن کي پنهنجي شاعريءَ ۾، خوبصورتيءَ سان وري آندو آهي ۽ ڪيترائي غير شاعراڻا ۽ غيرمانوس لفظ سندس شاعراڻي ڇُهاءُ کي پائي شاعراڻي رنگ وارا بڻجي پيا آهن.

مثال: نوان، غير مروج ۽ ترڪ ٿيل لفظ:

ساڪو (سِڙه جو)، ڪَرس، هاهيارا، واند، پلڙا، باڪاٽڙو، ميجر، سائون، ڪاٽر، آتامري، ساندارو، ڪَرلائڻ، مايار، آجهاپو، واتڻ، ڪرت، ڪهوَ، چاگر وغيره

مثال: غير شاعراڻا ۽ غير مانوس لفظ:

ٿئا (سوگ وقت وِڇائجندڙ تڏا) نڙُ ڦوڪ، سَرِهاڻ (ٻه مُنهنيون ڪنِ سرهاڻ) گهوڙو (بندوق جو) ڏنڊ وغيره

ڏنڊ جهڙي غير شاعراڻي لفظ کي تہ قافيو ڪري ٻہ ڪم آندو اٿس.

ٻلَ ۽ ڇپر ڪٹ لفظ ڏسو تہ ڪهڙا نہ سهڻا لفظ ڪم آندا اٿس.

اِن سواءِ سندس ڪلام ۾ ڪيتريون ئي سهڻيون سَنڌيون (مرڪب لفظ) سهڻا سنڌي اِصطلاح ۽ ترڪيبون بہ ملن ٿيون. جيئن چٽين لڱل چولڙا، اَن-اِپائٹهار، مَنديءَ ٽِڪ، واڊيون وتڻ، ٻَها ٻَهارڻ، ٻيڙهہ ٻولڻ، چِڪڻ جو چو ٻول وغيره.

شبد- ارٿ (لفظ - معنيٰ) جي سنٻنڌ جي نقط نظر کان تاجل جي شاعري لڪشڻا ۽ وِينجنا واري شاعري آهي، جنهنکي سنسڪرت جي آچارين اُتم قسم جي شاعري ليکيو آهي. شبد (لفظ) جون ٽي شڪتيون مڃيون ويون آهن. ١. اڀِدا -سڌو سنواٿو اظهار) ٢. لَڪشڻا (علامتي اِظهار) ۽ ٣. وِينجنا (Suggestive Language) وينجنا واري اِظهار ۾ معنيٰ، ڇيل لفظن مان نہ، پر چوڻ جي نوع، انداز، ڇيل ڳالهہ سان لاڳاپيل سندرين ۽ اِستعمال ڪيل لفظن طرفان روايتي معنيٰ کان سواءِ بہ حاصل ڪيل معنائن، اُنهن جي آهجن ۽ علامتن مان ٻکندي آهي. وِينجنا سان معمولي لفظن ۾ چيل ڳالهہ بہ وڏو اثر پئدا ڪرڻ جي طاقت رکندي آهي، اهڙو اثر جيڪو وڏين وڏين طاقتن کي بہ لوڏي ڇڏي. 'شاهہ جي رسالي' جي هِڪَ وِينجنا ڀريءَ سٹ مان، سنڌ ۾ انگريزي حڪومت وارن پنهنجي حڪومت لاءِ لوڏو محسوس ڪيو هو. اُها سِٹ هئي:

'ڪلالڪي هٽ، ڪَسڻ سندو ڪوپ وهي' جنهنکي عنوان بڻائي، آزاديءَ جي هلچل دوران چيٿمل پرسرام ايڊيٽوريل لکيو هو. اِن سٹ کي انگريز عملدارن بغاوت لاءِ سڏ ڪري ليکيو، جنهن تي پوءِ ڪيس هليا. چيٿملَ پرسرام کي جيل پوڻو پيو. مقدمي دوران اِن هِڪَ سِٹ جون جدا جدا ڏرين جيڪي تشريحون ڪيون، سي ٻڌي جج ايچ ٽي سورلي جا ڪپاٽ کُلي ويا تہ شاعر شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪيڏي وِينجنا آهي. اِن کان ئي محرڪ ٿي پوءِ هوُ سنڌي سِکيو ۽ شاهہَ لطيف ۽ سندس شاعريءَ تي وڏي مهارت حاصل ڪيائين. خير.

تہ اسانجي تاجل بيوس جي شاعريءَ، ۾ ۽ خاص ڪري موجوده مجموعي جي شعرن ۾ وڏي وِينجنا آهي، جنهنجا مان فقط چند مثال ڏيئي ۽ ڪفايت ڪندس.

بيت

پر الهاسنگر جي اِستيشن تي تہ اصل حد ڪري ڇڏيائين. مان ۽ تاجل سنڌو نگر جي سنڌين سان قرب ونڊي، واپس بمبئيءَ وڃڻ لاءِ گاڏيءَ جي انتظار ۾ اِستيشن تي ويٺا هئاسين. تہ الهاس نگر واسين جا قرب ياد ڪري، ماڻهن سان ڀريل پليٽفارم تي، پنهنجي آس پاس کان بي نياز ٿي اچي رُئڻ ۾ ڇٽڪيو. ڇي 'هيرا' لک لائق آهن منهنجي سائينءَ جا. جنهن مونکي هِن وچڙيل سنگت سات سان ملايو آهي، مان هر هر پيو سوچيان تہ مان اِن جي لائق آهيان!" سنڌوءَ جي ڏارا سنڌس اکين مان نڪري، ڳلن تان ٿي ٽپ ٽپ ڪري ڪري رهي هئي.

مون کان بہ سڏڪو نڪري ويو ۽ اک ڇلي پئي ۽ هئي پل ترت رومال ڪڍي تاجل جا ۽ پنهنجا ڳوڙها اگهي ورتم. سنڌوءَ جي ڀِن گهٽو الگ رهيل ڏارائن ڪي پاڻ ۾ سمائيندڙ اُهو رومال مون پاڻ وٽ سانڍي رکيو آهي.

تاجل تہ چوڻ ڪي ڇئي ويو تہ مان هر هر پيو سوچيان تہ ڇا مان هن سنگت سات سان گڏجڻ جي لائق آهيان!. پر اج مان اڪيلو ويهي اِهو سوچي رهيو آهيان تہ اسان سنڌين ڪي جو وقت بہ وقت شاهہ جهڙا، بيوس جهڙا، شيام جهڙا، اياز ۽ تاجل جهڙا شاعر ملندا رهن ٿا، ڇا اسين اُنهن جي لائق آهيون؟ مونکي تہ شاهہ سائينءَ جون ئي سٽون پيون ياد اچن تہ

موتي مڇيءَ هٿ تي، ڪوڏين جيئن ڪڍيائين
هيري هٿ وڌائين ويهي سائين وچ ۾

هِن مجموعي ۾ تاجل جي نئين شاعري، هِڪَ نئون سنيهو، نئون پيغام کڻي آئي آهي. سنڌي جاتيءَ کي اج اُن جي وجود جي سنڪٽ واري سمي، جو تاجل بيوس جهڙي باشعور بي- باڪ ۽ برجستي شاعر جو ساٿُ مليو آهي، سا اسانجي جاتيءَ لاءِ خوشقسمتيءَ جي ڳالهہ آهي. اِنڪري تاجل جڏهن پنهنجي هن ڪتاب لاءِ مهاڳ لکڻ لاءِ مونکي لکيو تہ مون يڪدم سنڌس ڳالهہ مڃي ۽ اج هي ڪم سرانجام ڏيندي مونکي خوشيءَ ۽ فخر جو احساس ٿي رهيو آهي.

هيرو ٺڪر

JD/25 A, Crystal Apartments
Pitam Pura, Delhi - 110034
INDIA.

مونکي جڻ هيءَ پُون - لڳو سِرُ ساٽيهہ جو

ايندو انقلاب

اجان تنهنجي ڪنڊ جو، چٽو ناهي ڦٽُ

اجان تنهنجي ڪنڌ تي، ڪيڏا آهن ڦٽَ
پيچ مُڪَ سان ٻيڙيون، ويني ڪاءُ نه وَٽَ
ڏي سنگهرن کي سَٽَ، ته لهي ڳَٽ ڳچيءَ جو

تون ڪيئن پائي طوق- ڪانئر! آئين ڪاج ۾؟
ٻيو سمورو لوڪ- آهي ڦِري عام ۾

کلهو وڍيو ڪنڌ کان، هَڻُ کهاڙو هيئَن
آهي ڪبو ايئَن - راضي راءِ ڪنگهار(١) کي

نپائي ناهو ڪڙو، ڪر ڪانير! کهاڙو
لڳڻو آلاڪاٽ کان، ڌرتيءَ کي ڌاڙو
پڇي تو پاڙو: تون ڪنڌ وڍيندين ڪيترا؟

---

(١) ڪڇ جو راجا راءِ ڪنگهار سمون، جيڪو ارغونن جي وقت ۾ ارغوني لشڪر تي راتاها هڻي، ڪين پڄڻ تي مجبور ڪندو هو. سج جڏهن هالار جبلن جي قطارن ۾ ٽبي هٽندو هو ته ڪڇي لشڪر راءِ ڪنگهار جي اڳواڻيءَ ۾ پلن گهوڙن تي چڙهي، راتاهن تي نڪرندو هو.

ايندو انقلاب

اجان تنهنجي ڪنڌ جو، ڇٽو نـاهي ڦٽُ
ٻَچيءَ وارو ٻَٽُ - سَتِ تہ سوپارو ٿئَين

تو ڪيئن پاتو طوق، ڪانئر! هيڏي ڪنڌ ۾
بيو سمورو لوڪ - آجو ٻچيءَ - ٻٽ کان

تو ڪيئن رُئَين رَتُ؟ تو ۾ تيج تِرن جي
وڙهندو وڏندو وَتُ - تہ لهن ٻٽ ٻچيءَ جا

تون ڇو رت رُنو؟ سرتا! هيڏيءَ سنڌ ۾
ڪچو ڀيچ ڪُنو، جو آويءَ کان آجو رهيو

سورج - لٽي سَرَ متان ، رڳو آ رت- ڇاڻ
سچ کي هٽي ٻاڻ- اُڇلي ويو ڪو آب تي

سانجهيءَ ويلي سَرَ متان، ڪيڏو رت هاريو
مار گَ ۾ ماريو- ڪنهن سچَ، سرجڻهار کي؟

ڦُٽي پيو گلابُ- لٽي سِجَ سموند ۾
اسان انقلابُ- اٿندي ڏٺو اَڄُ تي

منهوڙي ڪان مون- ڏٺو سِجُ سموند ۾
وڏيل سسيون وِير ۾ ، ميان! ماڻهن جون
مون کي جڻ هيءَ پون- لڳو سِرُ ساٿيهه جو

ڪاتيءَ سان ڪاتي ڇڏيو، ڪنهيءَ آگر ڪي
هٿ ۾ هوندي جي- اڪيون ڪڍندي عام جون

نگر جون ناريون- هٿُ ڪلاشنڪوف تي
وڙهن وڙهن وٽجاريون- انئي پهر انياءَ سان

سدا رُت بِسنت جي، ڳاڙهي ئي ڳاڙهي
ڪڙاهيءَ ڪاڙهي- جڻ ڪنهن شفق شام جي

هُو لياريءَ جا لال- جن ڪي لوهه لڳن تي
ڪن ٿا ڪيل مقال- سڄڻ ۽ ساٿيهه جي

ڪَرڙي تي ڪٽي- سامون سنڌو ديس جون
پئي تي جا پيٽ مان، ڇامن ڪي ڄٽي
هيڏِي تي هٽي! تڏهن هام ”هئڻ“ جي

ڪٽي تي ڪَرڙي- سامون سنڌو ديس جون
اچي شاهه شجاع مان، آهي جا اڙي
اِجها رات لڙي - اِجهو ڦُٽو سوجهرو

هاٿي هيءَ بندوق - آهي آڏ امن جي
جا نہ سجاٽي سچ ڪي، مارِ اُها مخلوق
ماٿهو جيئن ملوڪ - رهجي وجن راج ۾

هلو هاڪاري - ٻَلُ سجاٽي ٻانهن جو
گونگو پاٽي گٽنگ جو، ٻوڙي يا تاري
هر ڪو هِن واري - ”پاڻَ“ اُڪاري پاڻ ڪي

اُتنـدو انـقــلاب - رائـــي ۽ رت - ڇـاڻ مـــان
لاهي مـاڻــهو لابُ - ڪٽنـدا ڪـيـچ ڪـٽـن مـان

بـم جـــي پـڳــل خـول ۾ ، ڦُـٽـي آ ڪـــانول (٢)
جهول تون پـي جَهلِ - تہ ڪَنا چونديون ڪارڙا

ڪرن ڪيئن ڪيتيون! جن ۾ مـهـڪ مليـر جـي
پـلي بـم بــارود جـون، اُڇـلايـو پـيـتـيـون
ڇاتيون سي ڇيتيون - ڪوٺُ جنـي جـي ڪير ۾

ڪَرڙيءَ اڳـيان ڪَـڻُ - وينگـس! وڪ وڏانـدري
ڳهلي! ڳاڙهيءَ ٻير جيئن، ڇاتيءَ ڪان ٽِي ڇَڻُ
وَڏي تــجـي وَڻُ - ڏوٽـيـئـَڙن جـي ڏيـــهہ ۾

---

(٢) ڪانول جو ٻوٽو، جنهنجي ڦلَ ڪي ڪارڙا يا پيرون چئبو آهي. ڪانول جا پيرون جهانگي ماڻهو لپون پري ڪائيندا آهن.

واڍا! هِن وڻڪار جا، ڏنگا ڏِنڊا ڏارَ

سرجيندڙ ساٿيهه جا

. ڪري سگهندين ڪَٿَ - اَنُ - اُپائڻهار جي؟

هِي ڪهڙا، هِي ڪير؟ ڄَرَّ جني جي ڄيءِ ۾
آيا اتر پار ڪان، ڪَپُرَ جوڙي ڪَير
هاهيارا(۳) نہ هَير - سون - ورنيءَ سنڌ ۾

(۳) هَيراڪ يا هِريل

ويھه واڍوڙن وٽ - جي ڪرٽ وھائن ڪاٺ تي
مُنھن تني ڪان مٽ - جي ڪامِي ڪھٽھار جا

ڪونھي سڦلو ڪم - ڏارِ نہ ليمي ڏارَ ڪي
ڪَڙُ ھٿ ۾ ٻم - ڪھڙو تاءُ ڪمان جو!

ڏکيءَ ھَتِ ڏاتو - ھِي بہ جيئڻ ڏينھڙا
اِجھو چولو اوچ جو، ڪلھي ڪان ڦاٽو
ٻاجھر جو ٻاٽو - سانگو سرجڻھارِ جو

ڇَتين لڳل چولڙا، ڇِڪَّ - يڪليا پير
پوءِ بہ ڍيرون ڍَير - آٽيو ڪن اَنن جا

سرجيندڙ ساٿيھ جا

واڍا! ھِن وڻڪار جا، ڏنگا وَڍِ نہ ڏارَ
سينگون سَوَ ھزار - سيان ڪپنديون سنڌ کي

وَڏي ٻوٽا وڻ ٽيا، ٽُڙَ، ٽُڙَ سُونَهن ڏارَ
ھاٿي لک ھزار - لَنيون لوڪن ھٿ ۾

واڍا ! ھِن وڻڪار مان، اھڙو وڻ نہ وَڍِ
آھي جنھنجي اَڍِ - چندنُ جھڙي چيٽ ۾

ھيءَ جا وادن وَڍَ - وڏي آوڻڪار ۾
توٽي ڏيو ڏَڍَ - تہ بہ سور نہ لھندو سُٽرو

چَتين لڳل چولڙا، ميرا سندن هَٿَ
ڪري سگهندين ڪَٿَ - اَنَ - اُپائٽهار جي؟

ڳاهُه پيا ڳاهينِ - ڪامِي ڪٽڪ(٦) گاجَ جو
اِتي ئي آهينِ - تہ لڳن خوف خريف جو

ڳاهَن ڪاهي ڳاهُہ - ڳاتل اَنُ اُڏاريو
پوي شال پرهہ جو، گِگدامن کي گاهہ
اجان مٽيون ماهہ - ڳهندا ڏڳا ڳاهہ ۾

مون ساري سنسار ۾، پوکي جيڪا پوک
ماٺهو سمجهي موک - پيا وندبيندا پاڻ ۾

(٦) ڪٽڪ جو قسم. ٿوڙهي، گاج وغيره

هڪ ڪَڇَ تي ٻيلهڙا، ٻـيءَ ڪـڇ تي ٻارُ
ازل ڪان هِي ٻار- سُونهين رڳو سنـڌ کـي

لَٽِي لاهياري - ڪُنجي ٻانهون ڪٽـڪ ۾
ٻيهر جنهن ٻارِي - وِسيل ٻـاهہ وجود جي

ڪاڄي پيو ڪيٿ - تو ڪي پـَوُ نہ پَيـل جـو
لاهہ مٽي جو ميٿ - ڪامِي! تيءُ نہ ڪـاهلو

پَرُ وانگي هِي پَنُّهو(۴)، ڪـامـايو ٿَم ڪيت ۾
ڪڍِي اک ڪمند جي، پوڪون ڏسجو پو
سکر هوندو سو - مُنڊيون(۵) جنهن مـرڪـائيون

(۴) ڪمند جا پَن پُوتا
(۵) ڪمند جون مُنڊيون، جن مان ٻيو فصل تيار ٿيندو آهي.

توکي ڪيئن ڪنيرَ - آويءَ مان آٽي ڏنا؟
مون کان هِي ڪينگرَ - لوڪان لِڪايو ڇڏي

دِلِي ۽ درياهَہ - سهڻي ٻِوڙِي سير ۾
ڪنير مٿان ڪاهَہ - مُئن وارو مامرو

مون پوکيو آ پوک ۾ ، ڪَھُو ڪنڊيءَ سان
سياٽي اِن مـان - گـھٽـا ئـي گـزَ نـاھبا

مون پوکي آ پوک ۾ ، ڇـاڱرِ ڇـارن سـان
سياٽي اِن مان - سوين سينگون نـاھبيون

ڪنيارِ ڪـو ھَـتُ - ٻَـولِرُ ٻِـٺـيءَ ذات جو
ھـڪـڙن وڏي وَٽُ - ٻِيـن ٻـوڙي تـارِ ۾

ڪنير ڪھڙو ڏوھ ؟ سھٽيءَ ٻُڌي سير ۾
مِٺيءَ سندو موھ - آھي ڪارڻ عشق جو

عُمرِ ڪاٺي اَڪَ جي

ڪيڏا تير، ڪمانَ - جو پن جوڙيندي لنگهيو
اجان ڪنهن انسانَ - ڪتب آندا ڪينڪي

پوڙها! تنهنجي پيريءَ ۾، ڪيئن چُڙي پئي هَڙَ
رهجي ويا تُوتَڙ، اَڏَ - اُڌاريل پارِ ۾

وَهي وئي وَهي - پاٽيءَ وانگي ٻُڪَ مان
لڳو سُرو لاٽڻ ڪي، اِجها جاءِ ڍهي (٧)
ويندا لُڙَلهي - ماءُ! پڄاڻا موت جي

چٽيندين پِپُرَ - پن جيئن، پَرينءَ تون پوڙها!
گهوڙا ڙي، گهوڙا! پَڄندا دَرَّ درياهه جا

(٧) اَڏا مڪ جيت، جيڪو ڪاٺ کي لڳندو آهي.

ڪيڏا تير، ڪمانَ - جو ين جوڙيندي لنگھيو

عُمرِ ڪاتي اَڪَ جِي

وَهِي وئي وَهِي - پاٽيءَ وانگي ڀُڪَ مان

سيئي وڻ سڙي ويا ، وڃي رڪَ بچي
اسان پڻ اڇي - پيريءَ ڪي پورو ڪيو

جيئن ڪو باز جَهٽي - بَگڙو تِتر ٻُٽَ تي
ساڳيءَ رِيت سٽي - ماءُ! اسان کي موت ويو

هُو ٻيرين جو ٻُورُ - هوءَ ٻي پاڙِي باغ ۾
وسريو چِٽُ ڪو چيٽ جو، مون کان ناهي مُورُ
ٻيڙيءَ وارو پُورُ - پوءِ ٻه جوين ڏينهڙا!

ڪاتارا ڪيڏا! جوين ريءَ جڏا تيا
گڏين پيا گيڏا-اَچِي اُجريءَ ٻارِ ۾ (١٠)

(١٠) واٿرَ ڪانپوءِ ڪُڍِيءَ وارو رهجي ويل اَنُ-

لنگهندي لڪيون، لَڪَ - اچي وار اچا ٿيا
ميڙيسي جا مَڪَ - ڪانيوءَ(٨) منجهه ڪِري پئي

جئَين ڪنهن پَرُوڻ ۾، رهجي وڃي ڇاڻُ
تيئن هِي پنهنجو پاڻُ - پِيريءَ ۾ پڌرو ٿيو

سُڪي ويو ٿلاءُ - پيريءَ تي پورو ٿيو
ويو اُڏامي هنجڙو، پيو نه پڙلاءُ
ڇڏيو هِير هڳاءُ - لُڪَ لوساٽيا انگڙا

لُڙهندي ڏنوسي - عُمرِ - ڦوٽو جَرَّ تي
ڦاٽِي پيو ڦوڪ تي، ياندُو(٩) يڳوسي
ڇگٽو ڪيوسي - مُهُتُ ڏنوسي موت کي

(٨) ڪانيو جبل
(٩) ٺانءُ - برتن

هلندو هر ڪوئي - مسافر هِن ماڳ مان
ڏُتُ ، ڏِکَڙُ ، ڏوئي - هر شئي رهندِي هتڙي

ويئي ڙي، ويئي - عُمرِ ڪاني اَڪَ جي
پِيُس بارُ پيريءَ جو، ٽُڪرا ٿي پيئي
ڪاياڻُون ڪيئي - پُرنديون رهيون پونءِ تي

تاڙي تانيئڙو - وِهي جيئن شڪار ڪي
آهي ايئن هينئڙو - عاجز اڳيان موت جي

پوڙها شاعر ڪيترا ، پوڙهي ٿئي نه ذات
موت به ڪائي مات - ڏرندو آ ڏاتار ڪان

هيءَ چَرَ، هُوءَ پَنَ - چَڻَ، ٻئي مامرو موت جو
نڪا ڳوت نہ ڳڻَ - لڪين لهوارا ٿيا

تاڙي تانيئڙو - جيئَن ويهي ڪنهن وجود ڪي
اسان سان ڪَيَڙَو - موت بہ ساڳو مامرو

ڪونهي ڪو جتاءُ - جو پن جهوتو واءُ جو
اسان آهيون ماءُ! باقي ٿورا ڏينهڙا

جُهرِي پيو جوين - هاٺي کهڙيون حجتون!
هڪ ، هڪ چٽي پن - سجو باغ سُڪي ويو

هَيل بہ مَجُرُ موڪ ٽيو

هِي ڄاڻيي جو ڪيٿ - مٿان چمڪو چنڊ جو
مٿي پائي ميٿ - بيٺي ڌرتي ديس جي

هيل بہ مجر موڪ ٽيو، هيل بہ وَنا مينهن
نيٺ اسان جي نينهن - ڪيو سُرهو سنڌ کي

پَرُوانگي جي پوهہ ۾، ويا گل سڙي
پيا سپ ٽڙي - ورِي رُتِ بسنت ۾

پلي رُتِ بسنت جي، ٽَهہَ، ٽَهہَ گُلَ ٽڙن
ٻاريون ٽيون ٻهڪن - رڱو رتن جوت جون

بِبُرَ مـتـي بُورُ - مجر کَـنـدیءَ - لام تـي

هیل بہ مَجُرُ موک ٹیو

پِرسان وبـنـل پِتَ تـي، هُژبـن جا هَشّام

آ يا ڙي آيا - سڪيا سانوڻ ڏينھڙا
سارنگ جا سايا - ڇايا ڇپرَ - ڪٺ تي

ننگر نُھاريو - ٿُڻيءَ جيئن ڦاٽي پيو
ھاٽي نه ھاريو - ايڏو رَتُ اڪين مان

ننگر پاسي نِير - پريا پَٽ باڪاٽڙي
چاڙھي ٻَرُّ ٻَنديِر - مھڪايو ملير کي

ھُن ڏونگر، ھُن ڏھر تي، آھن مينھن وَنا
اِجھو ٿيا ڪنا - مارُو ملڪ ملير جا

موتئي مٿان ماڪَ - جڻ ڪي ٻوڙها ٻِگلَ تي
چِڪَڻَ لڳا چاڪَ - پَسي مند گلاب جي

مينديءَ رتي هٿ ۾، ماڪ ٻنا رابيل
هِن ٻيري ٻي هيل - ڀهڳڻِ ٻولي سنڌ جي

ٻَبُرَ مٿي ٻُورُ - مَجِرُ ڪنڌيءَ - لام تي
مون ڪان وسرن مُورُ - نٿا وڻ وٽڪار جا

هُبڪارون ۾ هُلَّ - ٻِگلَ تي رُتِ بسنت جي
گُجرِ هٿ ۾ گُلَّ - ڀهڳڻِ ٻولي سنڌ جي

كنڌيءَ ڪُمَّ لُڙهن - نيلوفر سان نير تي
ٻن پهرن جو ٻاررڙا ، پاڻيءَ پانُ وجهن
ڪُوٽين ۾ ڪُمن - پَري سونهن سرير ۾

چنبيليءَ جا چيٽ ۾ ، اڇا ، اُجرا گُلَ
ويتي پويا هارَ ۾ ، آرائينءَ املهه
مالهڻ! بنا مُلهه - ڏجن ڏاتارن کي

دَرَ ڪڙڪايا دل جا ، موتئي جيءَ مهڪ
چيٽُ بہ ڪيڏا چَڪَ ! وجهي تو وجود ۾

رهنديون ريڪائُون - وجي هِن وسڪار جون
تيندو توڪ ترن ۾ ، سگر ۾ سائُون
ڪيڏيون ڪايائُون - سرجي سرجڻهار تو!

هُــن وڻ جــي لام تــي ، ٻــاٻيــهــي ٻوليــو
خط اچي ڪوليو ، جڻ ڪنهن ماروءَ ڄام جو

هُن وڻ جي لام تــي ، ٻُنــگُ، ڪتــوري، ٻُــورُ
منهنجو نفعو مُورُ - جڻ ڪي بيــت بهــار جا

سَنيــندي ســائُــون - سـجــو تَــرُ تڪجي پيو
وَنا مينهن ملير تي ، مُرڪــن تيــون مــائُون
ڪانونبا ڪائُون - يــا ٻَڌئُــون مــوڙ مــلير ڪي

تــڙيــون انــبــن تــاريــون ، پِــريــا پــوُنــر هــزار
مــالــهــڻ پــوئَــي هــار - وڪــيــا وچ بــزار ۾

اِجهو ماربائُون - سُوَرَ هِن سنسار جا
اُتي اَوسَرُ بارِ
هِي گدرن جا باغ - پرسان گُلَ پَترَ جا

رهيون ريڪائُون - سَرَ تي سانوڻ مينهن جون
ڦِٽا پاڻيءَ ڦوٽڙا، نہ چَمَرُ نہ چائُون
اِجهو اِتائُون - پوندو گَبَبُّ گبنديءَ ۾

يَريو رُتِ بسنت ۾ ، تہ جو خالي ٿاڻُ
ويچارا وهاڻُ - ڪندا ڪاريءَ رات جو

اِها ڪنڌيءَ - لام، جنهن تي چِٽَ چُنيءَ جا
پرسان وينل پِٽ تي، هُڙين جا هشام
اِجها تي اُڏام - اولهہ ڪان آڪاس ۾

ٿهيِ پيا ٿهَہ پَهَہ - ٽيڙوءَ جهڙا ٿہ - سٿا
دلين جي درياهَہ ڪي ، ڪا نہ آئي ڪَهَہ
ڏات - ڏٽين ڏهَہ ڏهَہ - لکيا گيت گلاب جا

اِجھو ٿا اوسَرَ - ٻارين ماڻھو ٻاٽ ۾
اِن پَھي ڪان پَرَ - پُور ھئو پاڳا ٿيو

ھِي گدرن جا باغ - پرسان گُلَ پَتَرَ جا (١٣)
جن ۾ ويھي زاغ (١٤) - ڏنا نياپا نينھن جا

جئين ڪنھن ڪُڏَ مٿان - تَڪِن مِرون تو ٻچي
تيئن پڻ اڄ اسان - ڏٺو جابر جُوءِ ۾

خفتي ! ڪُڏٽا ڏاھِ - مارِ نہ ڦاڙھا ڦيرِ جا
اِنھن ۾ ئي آھِ - سندرتا ساٽيھ جي

(١٣) جھنگلي گل، جيڪو زمين تي ڇتو ھٽندو ڦھلبو ويندو آھي- سندس گل پيلا ٿيندا آھن.
(١٤) ڪانءُ - ڪنياتو

اُتي اَوسَرُ ٻارِ

اوسر تا ٻارِين - توڙي نيڻ نند اڪڙا
مِرون جي مارين - تہ ٻاڳيا ڇُٽن ٻيل ڪان

اوسر ٻاريائُون - ٻيلو اُڪرِي ٻاٺ ۾
اِجهو مارِيائُون - سُورَهِن سنسار جا

اوسر لئي اجان - آٽيو کُهَڙَ[(11)] اَٻڙيا !
مِرُون ڪو متان - اوجهڙِ اُڪاري وجين

اُتي اوسر ٻار - اِجهو مِرون موٽيا
آهين تون هِتِ اَٻڙيا! باقي ڏينهن ٻہ - چار
ماهرَ ! مِرُون مار - ساڳاهي[(12)] جيئن سنڌڙي

(11) وڍيلُ جهنگ يا ڊنگر ٻارڻ (12) سا ڳاهڻ - سيرو ٽيڻ، چاق چوبند ٽيڻ

ڪنڌيءَ ڪؤنر ترن

هُو جو سنڌ - درياءُ، وهندو هو وٽڪار مان
وريو ڪهڙو واءُ - جو آهي ڇڇي اڏ ٿيو؟

جي تو وڏا تُنَّ-گرا! هِن عنوراب ڪي (١٥)
ڪلاچيءَ جا ڪُنَّ - جُرندا اِنهيءَ جاءِ ڪان

بيلُون، (١٦) بيلچا - ڪَڇي آيا ڪوهه تي
وري تَرَ تانگها ٿيا - سڪر سنڌوءَ جا
جاڳو جاڙيجا! ڪاهيو ڪالا باغ تي

چيٽي چنباٽن (١٧) - ملهائي مهراڻ تي
يري تالَ ڪُنيءَ جا، وهه (١٨) پر تا وجهن
اجان اِن ترن - آهي دؤر درياهه جو

(١٥) تنگ - سوراخ
(١٦) ڪوڏر جي شڪل جو لوهور اوزار، جنهن سان توبا ڪوهه ڪٽندا آهن
(١٧) مير بحرن جي هڪ ذات. چنباٽي
(١٨) وهڪرو. وهڪ

نئين ٿهيءَ جا ناڪئا! جَرُ ٿَرُ جياريو

ڪنڌيءَ ڪؤنر تَرن

ڪلاچيءَ جا ڪُنّ - جُٿندا اِنهيءَ جاءِ ڪان

تـــازي پَـلي ڪـاڻ - ويـهـ نـ ويٺـي آسـري
مُـهـري مٿـان آڻ - سـنيوئـي ڪـي سـيـر تـي [٢١]

چِڪَڻِ جـي چـپـيـٽ - مـاهـر منـجـهائـي چڏيا
انـئـي پـهـر عـذاب ۾ ، ٻـيـــلاتـيـون ۽ ٻـيـٽ
لهرين جي لپيٽ - ڄڻ ڪا ڪوٽَ ڪهار جي

وري ڏسـنداسـين - سائو سـنڌ - درياهَ ڪي
ڪُوها ڪٽـنداسـيـن - ڏئـي سانـدارو سيـر تـي

وٽـجارو تِـي ووڙ - لـوچـي لَنڪـا ديـس ڪـي
مـاهـر وانگـي موڙ - ويـــٽـو وچ دريـــاءَ ۾

(٢١) ٻه- ڇانگيءَ ۾ بند ٿيل ڇاري، جنهن سان ٻيڙيءَ جي آ ڳل تي ويهي پلا ڦاسائبا آهن.

گهرڙا گهنڊيرا - ويا پٽي پرڀات جو
پوئين سڄِ پيرا - ريتيءَ تي رهجي ويا

آهي اَٽَ پَهرَ - ٻِرڪو ٻيلاٽين تي
ماڻهن ٻُوٽي ڌَرَ - ڪيا نيڻ ننڊ اکڙا

ڪاهل! ٻڌي ڪَهه[19] - ڪُڙهي ڪڻ ڪنار تان
مسين آهي مانگهه ۾، واهڙ چڙهي وَهه
پيو ڪر نه پَهه - ته سيان مرندا سيرا

ٻَڪرِا![20] تنهنجي ڏنڊ - ڪهڙو لَڙهه لوڙهي ويو؟
اُيريا جنهنجي آب تي، ڇوڏراءِ نه ڇنڊ
نڪي جوٽيا جنڊ - نه ڪنهن مڪي مڪڙي

(١٩) ڇيلهه ۾ ٻڌل ڏاڳو ۽ سُئَو، جنهن ۾ ڪُڙهيءَ ۾ ڦاٿل ڪُرڙين کي پوئبو وجبو آهي.
(٢٠) تعلقي گمبٽ ۾ ٻکر نالي ڏنڊ

گهُپَّ اونداها گهاٽ - ڪِٿِ نہ ٿمڪي باهِڙِي

ڏاهِي! ڏِيو ٻارِ

ڏَڪَّ نہ ڏِيئَي - لاٽَ، ڪَنبُ نہ ڪاريءَ رات ۾

چِڪڙِ مان چڙهندا - ڏئي وراڪا ونجهہ ڪي
ڪوها جي ڪٽندا - تہ لهندا انت اَٿاهہ جو

هُن تَڙِ هاڪاريو - ڪٽو ڪَڙس ڪنار تان
نئين ٺهيءَ جا ناڪئا! جَر تُرَ جياريو
اُٿو اُڪاريو - اَوَلا ڪُنَ اَٿاهہ جا

اَوَ ترَ تا اُٿن - ڪونهي انت اٿاهہ جو
ڪالها ڪون ڪُنن ۾، ٻيڙا تا ٻڏن
تُرها، تنبيون تارِ ۾، سيٽاهيون سهڪن
ماهر جي مهراڻ جا، ڏوران تا ڏهڪن
اُترَ ٺوڙيو آڏ ڪي، آئي سَٽ سڙهن
تَڪيو طوفانن - ناڪئا ! تنهنجيءَ ناوَ ڪي

ڳُهپُ اونداها گهاٽ - ڪِٿ نہ ٿمڪي باهڙي
نڪا ڪنهن نگر ۾، ڏسجي ڏيئي - لاٽ
وڻجارن جي واٽ - پوءِ بہ سَرَ تي سوجهرو

هيءَ جا ڏيئي - لاٽ، ٻَري آهي باٽ ۾
ڪَوڙَ هٽندِي ڪاٽ، آڌيءَ ويل اُماس ۾

هوءَ تاري جي لاٽ - اُٽيل جنهن ۾ آسرا
ٻِيرو ڪٽندا ٻاٽ - سَرَ تي ٿيندو سوجهرو

هُو چوڏهينءَ جو چندُ - اُٽيل جنهن ۾ آسرا
اجيان ڏيءَ ڏنار جي، جوتي پيئي جندُ
ماندا! پنهنجو مندُ - لاهِ اسان جي لوڪ تان

ڏاهِي ! ڏيو ٻارِ

ڏڪُ نہ ڏيئي - لاٽ ، ڪَنب نہ ڪاريءَ رات ۾
آتڻِ اوچي ڳــاٽ ، سَــڙُ تہ ٽئي ســوجهــرو

ڏڪُ نہ ڏيئي - وٽِ ،ڪَنب نہ ڪاريءَ رات ۾
ڪــلاڪــي هَٽِ، سَــڙُ تہ ٽــئــي ســوجــهــرو

هــوءَ جا ڏيــئــي - وٽ، ٻاري آيــس ٻــاٽ ۾
آهــي اِن ڪــان گــهــٽ، ســتــارن جــو ســوجهــرو

ٽــيــپــهــريءَ ٿــاندو ، ٻــڪــيــو آجــو ٻــاهــہ ۾
آهـــي جي ڪـــانــدو (٢٢) ، ســوايــو آ ســج ڪـــان

(٢٢) ڪاندو ٿاندو گهڻو وقت ٻڪندو رهندو آهي. ڪاندو ۽ لاٽو

اڄ نہ آڪيرا - ٻَٻَرَ جوڙيا ٻير ۾

ويٺا جتِ وڳر

ڇڏ نہ اُڏائي - ڪنياتا ڪنهن بہ ڪيت جا

ڏاهِي ! ڏيو ٻارِ - گُهپُ اونداهي گهاٽ تي
اِجهو اِنهيءَ جاءِ ڪان، واچيندا وٽجار
رهِي ڏينهن ٻہ -چار - اونهين ويندا اُڪرِي

اُڪرِي ٻَوڙيون آڏَ - ٻُوريءَ سان ٻڪجي ويون

هر ڪا ٻُڪئي(۲۴) پيٽ جي، پري بيٺي ڪَڏَ

ڏِسُ، متان تون ڏڏَ ! ٻُڪيون ٻَجائي ڇڏين

(۲۴) ٻوڙيون جهرڪيون، جيڪي ٻاجهريءَ جي سنگ تي ويهي ٻُوري چٽيندڀون آهن.

وِينا جِتِ وِڳر

(٢٣)

گڙا ! هِي گوڏرَ -ساڙِ نہ منهنجيءَ سنڌ جا
ويـنـا جِتِ وِڳـر - اُڏامـي آڪـاس ۾

اڄ نہ آڪيـرا - ٻَـٻَرَ جـوڙيـا ٻَيرِ ۾
وَهـيـا واهـيـرا - ڪـٻڙن تـان ڪٽـي ويـا

ٻَائن ٻَيرڙيون - لُڏي ڪنڌيءَ - لام تـي
اَنـدرُ ڪُنٽيَ ڪَٽِين جـا ، مـتـان مَيـرڙيـون
پائي ڦيرڙيون - ويـتر پـرت ونـدي ويـون

تاڙي وجائي - ڪيـئن اُڏائـين ڪانگڙا!
گونگن تي گليل مـان ، ٻگـوڙها وسـائي
چِڏ نہ اُڏائي - ڪنيا تا ڪنهن بہ ڪيٽ جا

(٢٣) ٻوڙِن ۾ ڪنڊن وارو جهنگ، جنهن کي لوڙهو ورائي، مال رکيو ويندو آهي. اصل گودرُ يعني ڳئن رکڻ واري جاء.

ماروئڙا فقير

جَرِ ٿَرِ ننگي نير تي، ڏيڌر ٿان ٿان ڪن
جَهپٽ ڪري جاڳن - ماڙهو ملڪ ملير جا

اُتر ڪان ايندو - ڪري سائو سنڌ کي
ٿَرُ سڄو ٿيندو - سَرهو ساوڻ منڊ ۾

صبح ستارا - پيهي ويا پاتار ۾
مارُون ٿر وارا - اوڏا اڏيو پکڙا

(٢٥)
وري وسندو مينهنُ - پربا پَٽ پراڻ جا
نِسري پوندو نينهن - پوندو ٻَگڀُ ٻگنڊير ۾

(٢٥) سنڌ جو ڦٽل درياهه

جَرِ ٿَرِ ننڍي نير تي، ڏيڏر تان ڪن

ماروئڙا فقير

اُپريو سج ناهي - آهه اکين جو اولڙو

اسان سي اوٺارَ - پير جني جا پنڌ ۾
هِن ٿر ڪي اُڪري، ڪيون هُن پچارَ
ماني پَڌُ تہ يار ! اُڏاريون(٢٧) اونداهہ ڪي

(٢٧) سمبڻ - ختم ڪرڻ (اٿو اُڏارڻ)

سَنگهر ڪا سنگهارَ - وِڏي ڪنهن نہ وچير ۾
تــوهــر ڦُٽــو تــرَ ۾ ، هنيا ڏنــگ ڏڪــار
سـارنـگ ۽ سـڪـار - مَـٿيو مُنهـن مـلير ڪان

اتـئـي ڪـا الله ! اُٽـتڻ هـِن عـوام جـي؟
جيڪـي ڄاوا ڄام جا ، سيئـي ڳِجـهُن ڳاهہ
ڪـهڙي غـرض گنـاهہ - ماٺـو آيا مامـري؟

لوئي تي لاهي - مُنهـن - اونـداهـي مـارئي
اُيـريـو سـج نـاهـي - آهـِ اڪيـن جـو اولـڙو

چِٽندا سَگرَ سوڪ - چَڻ، چَڻ ڪـري چن تي
مارُن وٿان موڪ - صبح ايندِيون سوڪڙيون

متاري جي ماءُ

موکِي متارن - ڏِنـي جـڏهن ڏيهـ ۾
سَرو سگهارن - پئندي اَڻَ - پورو ڪيو

متارا مرندا - موکِي ! ڪولِ نہ مَٽَ ڪـي
پيهر نہ ٻرندا - ڏِيا ڪنهنجيءَ ڏات جا

متاري جي ماءُ ! ڪنهن متارا مـاريا ؟
اجان جن جو گهاءُ - چِڪي پيو چِتَ ۾

متـارن مـوکِي - ڏنـي جـڏهن ڏيـهـ ۾
پوڪ تني پوکِي - سَري ۽ سرهاڻ جي

سَرو سَنگهارن - پِٺَندي اَٺَّ - پُورو ڪيو

متاري جِي ماءُ!

پوک تني پوکِي - سَري ۽ سرهاڻ جِي

تو جوڙايو ڪِينرو، مون آ تاڻي تند
مان ۽ تون
ٻوليءَ جهليو ٻُورُ - مهڪي پونءِ ملير جِي

هِي موڪيءَ جو ماڳ - پر نہ مو ڪِي ماڳ ۾

ڏنو ڪنهن ڏهاڳ - ڏکيريءَ ڪي ڏيهہ ۾؟

تون وڃهه مس قلم ۾ ، مان ڏريانتي ڏارو
توڙي ڪنهن تَوُنرَ تان ، آٿي اُڏارو
ويو جي وارو - ڪانئر سڏبا ڪيترا

تون هَنُ تان ٽُنبير تي ، مان ٿو ڪيڙيان ڪيٽُ
مٿي پاڻي ميٽُ - گڏجي هلبو گهاٽ تي

تون واهر ڪر ڪيٽ جي ، مان ٿو چٽيان ٻج
(٢٨)
نِسري پوندو نئوهر مان ، نينهن اسان جو نج
اُپريو جڏهن سج - سڪر هوندي سنڌڙي

ڪاپا آتڻ مون ڪتيا ، سڀَا سوريا تو
آهي ڪنهن آڏيو - ڍاڪون ڍڪٿهار جو؟

(٢٨) پوکي راهيءَ لاءِ نئين ناهيل زمين.

مان ۽ تون

مون پچائي مانڙي ، تو رڌيو آ ٻوڙ
پنهنجو ڪو ٻه نه جوڙ - سرتا ! آهي سنڌ ۾

تو جوڙايو ڪينرو ، مون آ تاڻي تند
پوءِ ٻه پرڪي پاڻ کي ، ڪنهن نه آچيو ڪنڌ
پنهنجو سڄو پنڌ ، آهي جڻ اَڪارتو

منهنجي هٿ ۾ ڏاتڙو ، تنهنجي هَٿِ تنبور
ٻوليءَ جهليو ٻور - مهڪي پونءِ ملير جي

مون نپايو ڏاتڙو ، ڪنئين تو ڪاتِي
تڏهن پيئي پوک آ ، ڦُلن جيئن ڦاٽِي
مکڻ جي ماٽِي - سچي وَٽُ سرير جي

مـومـل ايـنـدي مـاءُ! لاهـڻ مـيـٺ لِڱن جو

ڪنواريون ۽ ڪَؤنر

مـومـل ڏسـنـداسـون - ايـنـدي اِن تلاوَ تـي

تون ئي منهنجو مگڻو ، تون ئي منهنجو مِيت
تو مان گونجيو گيت ، تو ۾ منهنجو تڪيو

ڪجليءَ رُتِ جا پار - سرجيا منهنجي ساهہ ۾

جانب جئَين شال

جهُڙ جي ڪجليءَ ڇانوَ ۾، هُن گجري جا گل

ڪنواريون ۽ ڪونر

تــازو رک تــلاءُ - اڇــو، اُجــرو آب ڪـــي
مومـل ايـندي مـاءُ ! لاهـڻ ميـٺ لڱن جو

ڳڏي آ ڳل - بُو ، ٽُڙٻڱي ڪنهن تہ تلاوَ ۾
آهي هو بهوِ ، مـــومــل جي محـلات جـي

ڪر نہ ميرو (٢٩) تون - پَلي لوڪ لُڙيو ڪري
مومل ڏسنـداسون - ايـنـدِي اِن تلاوَ تـي

مهڪي مُنهن - اونداهڙي ، مومل جي ماڙي
چنبيلي چاڙهي ، جڻ ڪنهن چوڏهينءَ چنڊ تي

(٢٩) مَيرو - خراب

ڏِکيءَ ٽپي ڏِنڌِ مان ، نينگر ڪُنجي وَرَ
تازا گُلَ يَتَرَ - پيس چُنبڙي پير ۾

(۳۰)
گوريون ڪولڻ گهاٽ - آيون اُبُلَ واهه تي
تيتر پيون تڙبگنديون ، جيتر تئي ٻاٽ
اِجهو اِنهيءَ واٽ - ٻاهت تيندا ٻيرو

سج پيو اُيري - مُنهن تي ڪِريل چگب مان
ڪيز هتان اُسري - اوندهه انڌوڪار ۾

ڏمڻ سان ڏڪان تي ، جيئَن لوهر پگهري لوهه
محبوبن جو موهه - تيئَن ٻاري مچ مجاز جا

(۳۰) تعلقي گمبٽ ۾ ابل واهه

جانب! جِئين شال

رات سڄي رابيل - ڪِڙيا منهنجيءَ ڪٽ تي
هيئَن نہ ڏنم هيل - ڪاچِٽائي چنڊ ۾

سَرنهن جي ڦولار ۾ ، وينگس جو وڄڻ
اوڍي چُني، جڻ - آئي ڌرتي ديس جي

مون جو مجر - ڏار ، ڏنا هُن ڏهر ۾
پِرين ! تنهنجا پار، سرجڻ لڳا ساهہ ۾

لُڏڻ جهلي لام - اُڪريو پاٽي اَڇَ جو
گجر هڪڙي گام - پنهنجي جِڙهہ ڄمار جي

جُهڙ جي ڪجليءَ ڇانوَ ۾ ، هُن گجري جا گَل
آهــــن چـڻ املــهہ - نـڪـت ســارا نِـڀَ جــا

پونءِ متان باگُانڙي ، پرين پير نہ ڪڻ
متان رات اچڻ - وساري ويهي رهي

منهنجا رتا هٿڙا ، تنهنجا ڪارا وار
ڪجليءَ رُتِ جا پار - سرجيا منهنجي ساهہ ۾

لاهياريءَ جا لِڳ - ڪنول ڪينجهر ڍنڍ جا
سَرَهَہ ! تنهنجا سِڱَ(٣١) - وينگس چورائي وئي.

هُن پرِ هاڪاري - هلو چو نہ حبيب ڏي
پاٽان پياري - پريل مٺ مجاز جا

(٣١)متي ويڙهائڻ ڪان پوءِ عورت جي متي تي جڙ سنگَ نهي پوندا آهن.

سرڪلاچ

ٻڪڪَ يانگريا[٣٣] مڙئي ويــاءَ ڪــلاچ جا[٣٢]
چڏي ڪين ويــا - آيــل! گهــر اباڻــڪا

ٻاريون ٻاپڙن-ڪالهه ڏياتيون ڏات جون[٣۴]
چوٽيون ٽا چڙهن - ڪورَ نه ونن ڪاف جي

رات به دلــو راءِ سپ[٣٥] نــوازيــا نــاڪئــا
آندائين اجرڪون ، مڙئي مــورئــي لاءِ
گهاتو ٻيا گهٽياءِ - مَٽُ نه ڪوئي مور جو

---

(٣٢)، (٣٣) ۽ (٣۴) ڪراچيءَ جا اصل رهواسي
(٣٥) سنڌ جو راجا، جنهنجي ڏينهن ۾ موررڙي ۽ مانگر مڇ جي قصي جنم ورتو هو.

متان اُجَ مَرن - سارس هِن سنسار جا!

سُر ڪلاچ

آهِن روپ هزارَ - لِڪل لهرُن وچ ۾

ڪراچيءَ جي شهر ۾ ، لاٿي اٿم لڏ
سُٺي تنهنجا سڏ - ماتا ! منگهي پير جي

ماٺهو منگهي پير جا ، جاڳيا ڙي ، جاڳيا
سُوَرَ ڪي ساڳيا - ڪتا وننڊا ڪوڏ (٣٧) جا

مُنهن اونداهي مول (٣٨) - پريو نئن ملير ڪي
گهڙي پيا گبول - تُنبا لاهي تارِ ۾

(٣٧) ڪوڏ ذات وارا
(٣٨) گڏاپ پرسان هڪ بستي، جتي مينهن جو پاڻي گڏ ٿي، ملير نديءَ کي پريندو آهي.

ميڪَرَ مارينڊا - مارپــور جا مــورڙا
تُنبا تاريندا - ڪلاچيءَ جي ڪُــنَ تي

(٣٦)
جوريجي، جوڪيا - وياءَ ڪلاچيءَ - ماءُ جا
پِتا جن پوکيا - متــا نـَئن - ملير تــي

ڪيڏيون شهر ڪلاچ ۾ ، جُڙيون هَن جايون
ماڻهو ۽ مايــون - ڇُهنــدا تارا اپ جا

(٣٦) ڪراچيءَ جا پراڻا رهاڪو

(٤٠)

ڪُئنڪرءِ ڪانوڙ - ڪاياٿُون ڪلاچ جون
گرگ ! نہ ڪيو گوڙ - ٻُورَ! متان ياڳا ٿيو

مون مهاڻا مير - ڏٺا ڪالهہ ڪلاچ ۾
اُڪاريندي اڄ ڪي ، ٿيا سڻاوا سِر
ڪِلانوڪي ڪير - ميڪر ماري آئيا

سورج لٿي سَرَ متان ، رڳو آ رت - ڇاڻ
سج ڪي هٽي ٻاڻ - اُڇليو آ ڪنهن آب

ڪاڏي شهر ڪلاچ جو ، لڏي لوڪ ويو؟
(۳۹)
مون ڪي ڏسُ ڏيو - اوياڻَي جيءَ آڍِ جو

لٿو لسپيلي - تِين - هٿيءَ ڪان تو ٻچي
لنگهي لالو ڪيت مان ، بکر ڪي پيلي
هاٿي هن ويلي - مِرون هوندو موٿيو

هِي ڇا ڪَيُوَ هيل ، منگهي ۽ ملير ۾!
لُٽو ويتا لوڪ جا ، رَتَنَ ۽ رابيل
ڪٿو پنهنجا ڪيل - پيليو ڪنهن نه پونءِ ڪي

(۳۹) مورڙي جو پيءُ

گسُ ڏئي گوليمار جو ، نگر تيو نروار
ماٺهن ٻُڌا مرونءَ جا ، ٻيلي ۾ ٻُهڪار
ٻَچي لوڏيون پُورَ تي ، واَنن ڪيا وار
لِڪو لالو ڪيت ۾ ، مِرون ڪائي مار
ٻہِ - وَڄو ٻيهار - ايندو ڪين ڪلاچ ۾

گهاربن منجهہ گڏاپ - پوءِ بہ ميري من ۾
امن جا آلاپ - ڪر تہ ڪاٽيارو نہ ٿئين

اڳيان سونُ - مياڻ ، پويان پَڊَ ملير جا
آهي هِي اَهجاڻ ، مارِي ! تنهنجي موت جو

لهر، لهر لوڪو ! وڏا وَڏَ وجود ۾
ايڏي اَنت اَٿاهه تي ، ڪاهي ٿو ڪوڪو
پاٽيءَ جو ٻوڪو (٤١) - ياڻِ نه ساگر سنڌ جو

لهر ، لهر للڪار - ڪونهي اَنت اَٿاهه جو
سرجن ٿا سمونڊ ۾ ، ڪيڏا ڪارو نيار
آهن روپ هزار - لڪل لهرن وچ ۾

لهر ، لهر لُڇندي - لوڏِ نه اُرَهُه لاڏلي!
اِتان ئي اُٿندي - آهي وِير وڏاندري

(٤١) ٻَتڪي جي پلاند ۾ لڱي جو ڇَهُه ٻڌي، ڏنار ڪوهه يا ڪوهاڙي مان پاٽي ڪڍي، ٻُڪَ تي پيئندا آهن. اصل ٻوڪو چمڙي جو ٿيندو آهي.

(۴۲)

ڪارا درجي ڪُڏَ ڪان ، ويندو جاڻ وريو
بندوقون پريو - ته ڪجن ياگا پُورَ جا

مون سي مهاڻا - ڏٺا ڪالهه ڪلاچ ۾
چتين لڳل چولڙا ، پاتل پراڻا
مرڪيا مياڻا - ميڪر ماري آئيا

هُو ڏِس شور سمنڊ ۾ ، آهي ئي آهي
ناهَ پيو ناهي ، ماڻهوءَ سندي موت جا

(۴۲) ويندين وَريل يا وڏي عمر وارومرون

لهر ، لهر لشڪـرُ - ڪونهي انــت اُٿاهه جو
هِي پڙ هيڏو ٿرُ - پاڻــيءَ مــان پيدا ٿيو

تون ڪيئن ستين بارِ - ايـڏا اچ اُتــن تي؟
آڏي اوڏا پڪـڙا ، لَهُه ڪــلاچيءَ ســارَ
وري تنهنجا وارَ - سَتُرُ رکندا سنــڌ جو

اويــائــي اڏائيــا ، ڪــارا ڏر ۾ ڪُــڏُ
لنگهندا اِنهيءَ لنگهه ڪِان ، ڪري مِرون ڪُڏُ
گهٽا ٿيندا گُڏُ - وينــدا هِن ويڙهاند ۾

نانگ ! هتان نڪرو - ڪيو ڏرڙَ نہ ڏيهہ ۾
ڦڻ ڪڍي ، ڦوڪون ڏئي ، ڪاچِي تي نہ ڪِرو
چڱيو لاڙ ، سِرو - نہ تہ مارَ پونڌءُ ماري.(۴۴)

آءُ موريا ! آءُ - ويهہ اسان جي وچ ۾
مُرڪايون تو مياٽيون ، بيشڪ آهن ياءُ
آهي توانياءُ - غرق ڪيو گرداب ۾

مِيون منگهو پير - ساهي پير سمهي پيو
هاٿي اِنهيءَ پيٽين - تاٿي ڪو بہ نہ تير
ويتا ڳاڙين نير - ڪندي ياد ڪلاچ ڪي

(۴۴) نانگ - بلائون

لهريون تيون لُڇن - اوڏڻ ! ڍَڪ اُرَهَ ڪي
ساري هن سموند ڪي ، گجَ ۾ غرق نہ ڪن
متان اج مرن - سارس هِن سنسار جا (۴۳)

اهو ماڻهو ڪير؟ جنهنجي نانگ اکين ۾
آيو آاگڻ تي ، من ۾ رکي مير
جت رکي تو پير - اُتِ مريتو ماڻهپو

ڪڏهن ڪراچيءَ - هيئن نہ ويهاريو هنج ۾
ڌرتي ! تنهنجي ڌيءَ - ڪُوتُ گڏيو آ ڪير ۾

---

(۴۳) ٻگهہ ٻکي

ڪياماڙيءَ ۾ ڪالهه - مون جي ڏٺيون مائرون
انگ - اگهاڙا ٻارڙا، ڪچ تي هُئَن ڪالهه
ڪڏهن اِن نه ڪالهه - انگ ڍڪيو انسان جو

اِجهو ڄاڻ اروڙ - جوڙيا ڪُنَ ڪلاچ جا
سڀِي منهنجيءَ سنڌ جي ، آهي پونءِ پلوڙ
ماري مانگر ڪوڙ - ماڳ ورندا موررڙا

مون جيئن موڪيءَ ساڻ - پيتو مڌ ملير ۾
ازل جو اهڃاڻ - حاصل تيو حال ۾

ڪيئن ٿا ڪورنگي - سوا پانيو سنڌ ڪان
جيئَن هوءَ پيڻ بڪر جي ، آهي اورنگي
ناهي ڪا ننگي - ڌرتي ڪنهن بہ ديس جي

وايون

مَرُ ته ورهائن مالهٽيون
گهرِ ، گهرِ ٻاڙها گُل
ٻائي ٻيچ بسنت جا

ڏرتيءَ سائَي ديس کي ، اوڊِي ٻاڙهي جُهلَ
مَرُ ته ورهائن مالهٽيون
گهرِ، گهرِ ٻاڙها گُل
ٻائَي ٻيچ بسنت جا

موتئي جي مهڪار ۾ ، چمڪيا چوٽيءَ - ڦُلَ
مَرُ ته ورهائن مالهٽيون
گهرِ، گهرِ ٻاڙها گُلَ
ٻائي ٻيچ بسنت جا

روپهرِي رابيل

جيڏيون ! جيون جي ڪٿا

ٽڙيا چِٽَ تہ ٽارئَين

سورج - گل سويل

جيڏيون ! جيون جي ڪٿا

سانگو سرجٽهار جو

پنيرا ڪي جي پَـٿـل

جيڏيون ! جيون جي ڪٿا

جهڙي مومل مُرڪٽي

تهڙا تـيــل ڦـلـيـل

جيڏيون ! جيون جي ڪٿا

ڪٿي نيڻ ننڊاڪڙا

ڪٿي اڪ ڪـلـيـل

جيڏيون ! جيون جي ڪٿا

ڪَنڊيءَ چاڙهي لِيڙ
ٻَٻُرَ چاڙيا پلڙا
پکِيڙَڙا هُن پار جا ، ٻولِين وينا ٻِيڙهه
ڪنڊيءَ چاڙهي لِيڙ
ٻَٻُرَ چاڙيا پلڙا
موکيءَ گڏي مڏ ۾ ، پاڙياريءَ جي پِيڙ
ڪَنڊيءَ چاڙهي لِيڙ
ٻَٻُرَ چاڙيا پلڙا
ڪيڏي آهه ڪَڪَوهه جي ، ٻَرئَي مَٿَ تي پِيڙ !
ڪنڊيءَ چاڙهي لِيڙ
ٻَٻُرَ چاڙيا پلڙا

پريل جڻ بندوق

جيڏا ! جيون جي ڪٿا

گهوڙو* چڙهو ، گهاءُ ٿيو

نڪتي نَڙَ ** مان ڦوڪ

جيڏا ! جيون جي ڪٿا

گهڙيءَ ۾ گم ٿي وئي

ڪاڇي ۾ ڪا ڪوڪ

جيڏا ! جيون جي ڪٿا

ڪيسين اَبر آسري

مـاروئـڙا ملـوڪ؟

جيڏا ! جيون جي ڪٿا

*بندوق جو گهوڙو ـلبلبو
** بندوق جو نالُ يا نَري

پونءِ متان باڪانڙي

موتي وسندا ماڪ جا

ڏسجان ڏِکَ * ڏهر جي ، جڏهن چنڊ ڪِڙي

پونءِ متان باڪانڙي

موتي وسندا ماڪ جا

پيلي وچ باغيچڙو ، متان مالُ چِڙي

پونءِ متان باڪانڙي

موتي وسندا ماڪ جا

ماڻهو ڪو نہ ملير جو ، ٿانگر جيئن ٿڙي

پونءِ متان باڪانڙي

موتي وسندا ماڪ جا

* رُوپ - نظارو - مهاندو

ڪوي ڪاليداسَ !

ڪَٿي تنهنجو ڪينرو؟

جيڪي تنهنجيءَ تانَ ۾ ، اُها منهنجي آس

ڪوي ڪاليداسَ !

وڍي ڏيانءِ وجود جا ، آءُ تہ املتاسَ

ڪوي ڪاليداسَ !

تو ڪي منهنجيءَ تانگهہ جي ، پَرتِي پُورنماس

ڪوي ڪاليداسَ !

آڏو جَرُّ اَٿاهہ

پويان پِڪَّ * پوائٽي

جيون هيڏيءَ جھا ڳ تي ، پويون جڙ پساهہ

ويندا اڏري اوچتو ، تتر ڪائي ٿاهہ

آسروندا اُجَّ تي ، اوتيندا اوڙاهہ

آڏو جَرُّ اَٿاهہ

پويان پِڪَّ * پوائٽي

*ڪَپَرُ

ٻُورا ٻِڙڪائي

ڪيڏا ٻيڙا ڪُنُّ تو!

چِڪَڻِ جي چوٻول ۾، پير نه ڪو پائي
سُهٽيون ٻوڙي سير ۾ ، ماهر ، منجهائي
وڏا ٻيڙا ٻارِ ۾، اجگر اُڇلائي
پِڪُون جي پنوائتيون، ڪاٽِرُ* تو ڪائي
ٻُورا ٻِڙڪائي

ڪيڏا ٻيڙا ڪُنُّ تو!

* ڪاٽِي ڪٽندڙ - ڏلهڙيو - ڪاٽُ هٽندڙ

چاڙهيتو چاٽو

کوکو هٽ کنيارکو

سڙي تيندو سون آ ، ڄيين ۾ ڄاٽو

ڦُٽي ڦاکون تي پيو ، ڌرتيءَ ۾ داٽو

اسان جِيون پاڙ ۾ ، گهاٽي ۾ گهاٽو

چاڙهيتو چاٽو

کوکو هٽ کنيارکو

ناهي واريءَ - جاٺ

آهي بَرُّ پنوائتو

ٻَبُرَ هينئان ٻِ - مُنهيون *

سُتيون ڪن سُرٻاٺ

آهي بَرُّ پنوائتو

پورب ڪان پدام تي

ڪو نه ٻُڌئي ڪڙڪاٺ؟

آهي بَرُّ پنوائتو

وليون ڏينديون واسڙو

مُنهن ڏوئينـدي ماٺ

ناهي واريءَ - جاٺ

آهي بَرُّ پنوائتو

* پن مُنهن واريون ٻلاٽون

پَيرون پَٽينـدي
سنگر سَٽيندي
اچي وار اچا ٿيا
چڻُ پڙ واريءَ چال ۾
مُـهـرامَـٽـيـنـدي
اچي وار اچا ٿيا
سَنجڻ ڪارڻ سرتيون!
وادِيــونوَٽــيــنــدي
اچي وار اچا ٿيا
پَيرون پَٽينـدي
سنگر سَٽيندي
اچي وار اچا ٿيا.

اڪيون گُلَ رابيل

مٿان پيرا پونئر جا

جهڙي مومل مُرڪٽي، تهڙا تيل - ڦليل

اڪيون گُلَ رابيل

بدن چڙ بسنت ۾ ، تاريون ڦُٽيون ٽيلهه

اڪيون گُلَ رابيل

مٿان پيرا پونئر جا

يَرِ تي يَترَ - گُلَ

نيرگ پڪي نير تي

اڇِي، پِيلي، نيرڙِي، جَرَ تي گلن - جُهلَ

يَرِ تي يَترَ - گُلَ

نيرگ پڪي نير تي

لنگهيون ڪونجون روهه تان، هر هر ڪري هُلَ

يَرِ تي يَترَ - گُلَ

نيرگ پڪي نير تي

هِن پيري پيي هيل
پِٽُ ٻَٻُرَ سان ٻيل

ڪيئَن بيٺو آن ڪيوڙا؟

آڃين ڇُٻًا عام ڪي، سَوَ ، سَوَ جهلي سيل
پِٽُ ٻَٻُرَ سان ٻيل

ڪيئَن بيٺو آن ڪيوڙا؟
سهندي تو ڪي سال ٿيا ، پنيراڪي جِي پَيل
پِٽُ ٻَٻُرَ سان ٻيل

ڪيئَن بيٺو آن ڪيوڙا؟

ڪَندو، ٻَبُرُ، ڪيوڙو، ٿيئي ڏسو ٿيل!

هِن پيري پيي هيل
پِٽُ ٻَٻُرَ سان ٻيل
ڪيئَن بيٺو آن ڪيوڙا؟

اُتر اَٽائَو

جَرُّ سمورو جهاڳ آ

نٽو ڏسجي ناکئا!

کو بہ سَرُ سائَو

جَرُّ سمورو جهاڳ آ

من ورِي پٿي واءُ کو

صبح سٽائَو

جَرُّ سمورو جهاڳ آ

جيون ساکو * سڙهہ جو
پوءِ بہ پَرائو

اُتر اَٽائَو

جَرُّ سمورو جهاڳ آ

* ڪانهن جي وٽيل نوڙي، جيڪا پُٽي هئڻ
سبب ٽوريءَ ساهَہ سان ٽٽي پوندي آهي. هِن قسم جون
نوڙيون سڙهہ کي ٻڌيون وينديون آهن.

اوهان چئَو گڏ ڪي
مـا ڳ نـہ مٿائِـي
اوهان چئَو گڏ ڪي

وينا ماري وچ تي
ڪـاهيـون ڪٽـائَـي
اوهان چئَو گڏ ڪي

لِيـا پائـي لَـڪَ ۾
ڪنڌ نہ جُهڪائي
اوهان چئَو گڏ ڪي

اڪين جون آرانييون
چـڏي وسـائـي
اوهان چئَو گڏ ڪي

اجان پنڌ گهٽو
جَتَ ! نہ اُنڙا واڳيو
ڪالهہ ويو جو قافلو
اُن جو پيَر ڪٽو
جَتَ ! نہ اُنڙا واڳيو
لَتِي ڪونجي لاڙ ۾
چڳنڍِي ڪو تہ چٽو
جَتَ ! نہ اُنڙا واڳيو
اَنتُ اپائـٺهار جو
آهي اَنَّ - ڪٽو
اجان پنڌ گهٽو
جَتَ ! نہ اُنڙا واڳيو

چاڙُ تيو باڪاٽڙو

ڦُٽنڊِي ڏارا ڪير جي

آءُ وجهندس اُٽَ تي

پرهه ڦُٽيءَ پاڪڙو

چاڙُ تيو باڪاٽڙو

لُٽي مجير - لام ڪي

ڏوٽي چمندو ڏاٽڙو

چاڙُ تيو باڪاٽڙو

جيڏا ! جيون جي ڪٿا

مهيءَيريل ماٽڙو

چاڙُ تيو باڪاٽڙو

ڦُٽنڊِي ڏارا ڪير جي

سَرُ سڄو سائُون *

تون ڪيئَن پِني پاٿيون؟

ڏاگها يَري ڏت جا، آندم اُتائُون
سَرُ سڄو سائُون
اڃو مَڪَ منڊائتي، ڪتيريون ڪائُون
سَرُ سڄو سائُون
ڪلهي، ڦاٽا ڪنجرا، سيئي سبيائُون
سَرُ سڄو سائُون
ٺارين ٺانگر ٺانوَ جيئَن، هِن منڊ هوائُون
سَرُ سڄو سائُون

تون ڪيئَن پِني پاٿيون؟

* ڪرنگهہ يا سائُون، جنهن جو ترِي ماڏهو
پَٽُ يَا رَبِّ ٺاهيندا آهن. سائون جُوارِن جي ہَنن سان بہ پوکيو ويندو آهي.

پيرو پيچ نہ تون

وڻجارن ڪان واٽ تي *

پوکيا گل گلاب جا، ميان ! آهن مون

پيرو پيچ نہ تون

وڻجارن ڪان واٽ تي

اڇي آد - جڳاد ۾، گوندر گڏيو سون

پيرو پيچ نہ تون

وڻجارن ڪان واٽ تي

اُتَ نہ هئا اوپرا، ڏوران ڏناسون

پيرو پيچ نہ تون

وڻجارن ڪان واٽ تي

پُسيون، ڏنئُرا، پَلڙا، پوڏيسر جي پون

پيرو پيچ نہ تون

وڻجارن ڪان واٽ تي

* شيخ اياز طرفان فون تي ڏورايو

هِي جَرُّ جالارو
ڪيڙيندي ڪارو
ماريو مَڇُّ ڪلاچ جو
هر، هر اِنهيءَ اَڇَّ ڪان
ڏئي تو ڏيڪارو
ماريو مَڇُّ ڪلاچ جو
لُنگهو سِير سمونڊ جي
ڏيئي ساندارو
ماريو مَڇُّ ڪلاچ جو
واتِي* بيٺو ونجهہ ڪي
وارو ڙي، وارو!
هِي جَرُّ جالارو
ڪيڙيندي ڪارو
ماريو مَڇُّ ڪلاچ جو

* واتِڻ - وات وجهڻ

مــون کــي کــري مــات

سمهڻ لڳيون سارنگيون

نڪتي ڪوڪ ڪماچ جي

رُون، رُون منجهان رات

سمهڻ لڳيون سارنگيون

اهـــڙي اڳ اُتــامِــري.

يانن ڪٿي نـہ بـات

سمهڻ لڳيون سارنگيون

هاٺي ڪنهن بہ ڏياچ تي

ڏمــربــي نـــہ ڏات

مــون کــي کــري مــات

سمهڻ لڳيون سارنگيون

ڊوليو ٽَپي ڊِنڊ
آيو مُنهن - اونداهڙي
ڏنو ٻڙ جي اوٽ مان
چوريءَ بيٺي چنڊ
ڊوليو ٽَپي ڊِنڊ
آيو مُنهن - اونداهڙي
پرهه ڪٽندي پاندڙو
جوٺيندا سين جنڊ
ڊوليو ٽَپي ڊِنڊ
آيو مُنهن - اونداهڙي

نپَ منجهان نيراڻ

سَهڙِي آهہ سموندَ تي

سج ٻُڏي ويو سير ۾، ٻَڙي تي ڳاڙهاڻ

اُڪرو ڪُنَ اَٿاهہ جا، وڳر ڪئي وراڻ

آهي اِنهيءَ وير ڪان، اڳتي سڀ اچاڻ

نِپَ منجهان نيراڻ

سَهڙِي آهہ سموندَ تي

امن، آزادي

اصل وٿ انسان جي

تو ڪيئن رَسا چيلهه ۾، ٻڳچيءَ ۾ ٻاڏي؟

مون لئه ماني جوار جي، سيءِ ڪان سوادي

امن، آزادي

اصل وٿ انسان جي

تماچيءَ - تڙَ ڪان
ڪينجهر جي ڪَپَ سان

آهِ اسان جو تڪيو

ڪاڇو ڏيئي ڪونجڙيون! ڪُرلايو تہ ڪتان
گوڏيون اوڍي گندريون، بيٺيون اڇي پرسان
ڪَيڙا نيڻ نندا ڪڙا، ڪانوَن جيءَ ڪان، ڪان
تماچيءَ - تڙَ ڪان
ڪينجهر جي ڪَپَ سان

آهِ اسان جو تڪيو

ونجهہ ڪٺو وارو

اُڪرو ڪُنَ اَٿاھہ جا

ڳهلا! ڪيئَن ٿا ڳوليو
چڪڻ مان چارو؟

اُڪرو ڪُنَ اَٿاھہ جا

اڄِهو اُتر - واءُ مان

سرجيو ساندارو*

اُڪرو ڪُنَ اَٿاھہ جا

جنهن ڪي سانگُ سڪاڻ جو

هوندو هاڪارو

ونجهہ ڪٺو وارو

اُڪرو ڪُنَ اَٿاھہ جا

* ساندارو ڏيڻ معنا، سڙھہ ۾ هوا ڀاسائي، درياءَ جي سِير اُڪرڻ

کنڌيءَ لنونـدو کـــانءُ
ويندا ڏينهن ڏکار جا
ويڙ نہ ڏيـو وٽـجـاريـون!
اِجـــــهـــو آيـــــس آنءُ
ويندا ڏينهن ڏکار جا
کا نہ کَسِي آ کاکيون
ڏات سـمــــوري، ڏانءُ
ويندا ڏينهن ڏکار جا
پربو کـنهــن تہ بهـار ۾
تــرَجـــو خـــالي تــانءُ
کنڌيءَ لنونـدو کـــانءُ
ويندا ڏينهن ڏکار جا

ڏيهه - ڏٽي ڏاتارُ

ڪنهن ٽنگايو ٽياس تي؟

مُـئـَو نـاهـي ميـنـڌرو، جيـئـرو آجهونجهـار

وڍيو ڪنهـن وٺـڪار مـان، ڏيلهـن وارو ڏارُ؟

اٽڪيو هو ارغون سان، رات بہ راءِ ڪنگهارُ *

لـوچـي لنـڪـا ديـس ڪـي، ورٹـو آوٹجـارُ

ڏيهه - ڏٽي ڏاتارُ

ڪنهن ٽنگايو ٽياس تي؟

---

* ڪڇ جو راجا راءِ ڪنگهار سمون، جيڪو ارغونن جي لشڪر تي راتاها هڻندو هو اتر سنڌ ۾ اچ بہ ڪروڏي ٻارن ڪي بس ڪرائڻ خاطر دڙڪو ڏئي چيو ويندو آهي : "بس ڪر، رڙِ ڪانگهارُ تو اچئي."

رڻ ۾ رَتائون

مُرڪيو مُکُ ڏاتار جو

من کو سورج ساٿيو! اُيري اِتائُون

رات ٻــ وجي رُڃَ ۾، لڏائين لاٿُون

پِتَرَ، ٺڪر، ڪنڪريون، هُن ڪي هنيائُون

رڻ ۾ رَتائون

مُرڪيو مُکُ ڏاتار جو

واءُ ڦريو وانجهي !

اجان ڪَرَسَ * ڪنار تي !

ساڪا ٽوڙيو سڙهہ جا، موني ڪان مانجهي !

واءُ ڦِريو وانجهي !

اَتَوَ سَگهہ سرير جي، لوڪان ڇو لانجهي؟

واءُ ڦِريو وانجهي !
ڪندَڙُ ڪيئَن ڪلاچ تي، سَهڙِي جي سانجهي؟

واءُ ڦِريو وانجهي !

اجان ڪَرَسَ ڪنار تي !

---

* ڪانيءَ جي ڪَپي، جنهن سان ڪنار تي رسو ڇڪبو آهي.

مون کي چياٿون :
آمـــر وٺ آئُــون

چوان رات ، نہ ڏينهن کي
ڳچيءَ ڳارِي پٽ جي ، پرهہ پاتائُون
مون کي چِياٿون :
آمـــر وٺ آئُــون

چوان رات، نہ ڏينهن کي
لٽي سِجِ لنگَن ۾ ، وادِيون وڏائُون
مون کي چياٿون :
آمـــر وٺ آئُــون

چوان رات ، نہ ڏينهن کي
ڳِجهن ٻَڌا ڳونڙا ، رڻ ۾ رُنائُون
مون کي چياٿون :
آمـــر وٺ آئُــون

چوان رات ، نہ ڏينهن کي

ڦاڙيو سڀ فرمانَ
فَنُ نہ ڦاهيءَ چاڙهيو
ڪَپايون ڪارائيون
ڪيئن ٿا چئو قرآن؟
فَنُ نہ ڦاهيءَ چاڙهيو
ڦـبايو فنـڪـارجا
ڪيئَن ٿا قلمدان؟
فَنُ نہ ڦاهيءَ چاڙهيو
ماٺهو هر مِٽيءَ جا
سيوئي سبحانَ
ڦاڙيو سڀ فرمان
فَنُ نہ ڦاهيءَ چاڙهيو

صدين جو سوداءُ

سرجيو آهِ سرير ۾

اِجهو آويءَ ۾ پڳو ، ٺِڪَرُ ڏئي ٺڪاءُ
چِڪيو آهي چيٽ ۾ ، گهاٽي جيڏو گهاءُ
ڪيڏو آ ڪاتار جو، ڏورانهون ڏهڪاءُ
صدين جو سوداءُ

سرجيو آهِ سرير ۾

هُو جي ڪالهه مُئَا
منهنجا مِٽَ هُئَا

مارُون ملڪ مليرجا

وڇيايا ولهار ۾، ٽيپهريءَ ٽُئَا*
ڏٺي ڪنهن نہ ڏهر ۾، مون ڪا مينهن سُئَا!**
ڍِڪيءَ ويلي ڍِٽ ۾، گاهِين گاهہ ڪيا
هُو جي ڪالهه مُئَا
منهنجا مِٽَ هُئَا

مارُون ملڪ مليرجا

---

* فوتيءَ جي سوڳ ۾ پٽر ڪرڻ لاءِ ٽُئَا ءِ ٽڏا وڇائڻ
** نئين وِئَايَل مينهن

هِي تَرُ تاسارو
اُجو پاڻَ اَٿاهه تي
پاڻي تنهنجو پاڻي ! ڪارو ئي ڪارو
هِي تَرُ تاسارو
نڪو اُپڙي اُبتو ، نڪي لهنوارو
هِي تَرُ تاسارو
جند مُهاڻين جوتيا
آٿي اُڌارو
هِي تَرُ تاسارو
اُجو پاڻَ اَٿاهه تي

ڪيڏو آ ڪڪوهُ

پـڪـو مـوڪـيءَ - مَـٿَ ۾!

موڪي ! تنهنجي مٿ ۾، ٻگاڙهي ڳنُونءَ جو اوهه
موڪي ! تنهنجي مٿ ۾، پڪو آهي پوهه
موڪي ! تنهنجي مٿ ۾، پِرين جو پاٻوهه
متارا ماياڙ ۾، ريٿو ڪندا روهه
ڪيڏو آ ڪڪوهُ

پـڪـو مـوڪـيءَ - مَـٿَ ۾!

کيڏا ڪارونڀار!

سانوڻ ڪيا سنڌ تي

ڏناسون ڪنهن ڏيهه جا، اگ نہ اهڙا پار

کيڏا ڪارونڀار!

سانوڻ ڪيا سنڌ تي

ميهوڳيءَ جي مند آ، سوچ نہ سرجڻهار!

کيڏا ڪارونڀار!

سانوڻ ڪيا سنڌ تي

آتڻ مڙئي اوپرا، ڪَتي وٽ ڪاتار!

کيڏا ڪارونڀار!

سانوڻ ڪيا سنڌ تي

سورٺ تي سَهي
مارُون مگٹھار جون
ڏِيا پاريو ڏات جا
متان سج لهي
سورٺ تي سهي
مارُون مگٹھار جون
کايا کلنگيدار جِي
اِجها تي ڊهي
سورٺ تي سهي
مارُون مگٹھار جون
کارونجهر جي کنڌ مان
واهڙ تو وهي
سورٺ تي سهي
مارُون مگٹھار جون
چِنو گل چُڳير جو
کهڙي واءُ- کهي؟
سورٺ تي سهي
مارُون مگٹھار جون.

تترن جِي جَوڙي
گـوريءَ پـالِي گـج ۾
ڳُڙُ ٻه ڳاڙهي ٻگل تي، رکيو تَئين روڙِي
تترن جِي جَوڙي
گـوريءَ پـالِي گـج ۾
پوءِ ٻه پرڪٽهار ڪان، ڳُجهي آ ٻوڙهي!
تترن جِي جَوڙي
گـوريءَ پـالِي گـج ۾
هر ڪنهن ڪالي هتڙا، ڪوڪو ڪروڙي
تترن جِي جَوڙي
گـوريءَ پـالِي گـج ۾

چوٽيون تي چڙهي
کنول جهڙي ڪامڻي
جيوَن واريءَ جنگ ۾
سڄي تي سڙي
کنول جهڙي ڪامڻي
مون جيئَن منڊيءَ ٽڪ ۾
جيوَن تي جڙي
کنول جهڙي ڪامڻي
اِڇو آتڻ واريون!
ايندِي اَنُّ چڙي
کنول جهڙي ڪامڻي

ڳاڙهن پيرن جيئَن
سُڪَ ورهايو سنڌ ۾
پائر توڙي پينرون ، کُھو وينا ڪيئَن؟
رَهو ايئَن نہ راڄ ۾ ، جَر تي ڦوٽو جيئَن؟
آنڌيون انقلاب جون ، ايندين ناهن ايئَن :
ڳاڙهن پيرن جيئَن
سُڪَ ورهايو سنڌ ۾

سَــري جـــي ســرهــاڻ

ماڻِ تہ موچارو تئَين

اوڻا مــاٽــا مـــڌ جــا

اســــان وٽ نــــہ آڻ

سَــري جــي سـرهــاڻ

ماڻِ تہ موچارو تئَين

مِـني آهہ مـتـاڻ ڪـان

ڪانهي ڪا بہ ڪڙاڻ

سَـري جـي ســرهــا ڻ

ماڻِ تہ موچارو تئَين

ڏورِين ٿا ڏاتارَ

پــويــاڙيءَ ڪــان پــنــڌ ڪــي

ويــتــا نــاهــن واٽ تــي ، الــڪ جي آذار

ڏورِين ٿا ڏاتارَ

ڪندا ناهن ڪُرنَشون * جهيڙي ۾ جهونجهار

ڏورِين ٿا ڏاتارَ

ڏُيــيــون آهــن ڌرتيــون ، ڏونــگــرَ پــيــا ڏار

ڏورِين ٿا ڏاتارَ

ڪيرُ لِڪائَي لوڪ ڪان، هــيڏِي ســارِي هــار!

ڏورِين ٿا ڏاتارَ

پــويــاڙيءَ ڪــان پــنــڌ ڪــي

---

* آزيون نيازيون ڪرڻ - گوڏا پيچي وينتي ڪرڻ

وتن ويچاريون

ڳـالـهـائـيـنـديـون ڳُـجـهــ ۾

لڳي ٿو هِن لوڪ جون، ڏنئرون هَن ڏاريون

ڳيا ، ڳيا ڳوٺ ۾ ، ڪاٽياريون ڪاريون،

آءُ ته ڳڏجي عام ۾ ، ٻـارڻ ڪـو ٻاريـون

وتن ويچاريون

ڳـالـهـائـيـنـديـون ڳُـجـهــ ۾

بُسيون بازاريون
رؤنق رنگ ڇڏي وئي!

لِڪيون پٽن لوڪ ۾ ، وَهون ويچاريون

ڪنهن تہ مروڙيون ڪنڌ ڪان ، ڏنئُرن جون ڏاريون

اچو گڏجي آڳڙيا ! اکيون اوٻاريون

اُتو اچيءَ ٻارجا ، ٻوها ٻُهاريون

بُسيون بازاريون
رؤنق رنگ ڇڏي وئي!

ڄاڻُ ٻريون ڄاٽيون

نـــيـــرڳ جــهـــڙي نِيَ ۾

ٽڙنديون وري ٽارئَين ، اِجهو گل - ٻاٽيون

ڄاڻُ ٻريون ڄاٽيون

ڪوڙ پريندي ڪير سـان ، ميهـوڳـي ماٽيون

ڄاڻُ ٻريون ڄاٽيون

موتئي گل جون مکڙيون ، ڦڳڻ* ۾ ڦاٽيون

ڄاڻُ ٻريون ڄاٽيون

نـــيـــرڳ جــهـــڙي نِيَ ۾

* هندي سنبت جو آخري مهينو - چيٽ، وساک، جيٺ، آکاڙ، سانوڻ، بدو، اسو، ڪَتي، ناهري، پوهه، مانگهه ۽ ڦڳڻ—

ڳوڙها ڳاڙينڊي

قــوڪي وِســيــل بــاهــڙِي

بيءَ جي ٻاريل باهہ تي ، مُور نہ پاڙينڊي

جهوري جويــن ڏينــهڙا ، پَيڪا پاڙيــنڊي

پشم جهڙي پاڻ ڪي ، سانجهيءَ ساڙينڊي

آرهــڙ واريءَ اُس ۾ ، ڪايا ڪــاڙهينڊي

ڳوڙها ڳاڙينڊي

قــوڪي وِســيــل بــاهــڙِي

ماريو پَڪُ نہ ڪو

منهنجي هِن مهاڳ تان

آجهاپي *جي ويل آ ، تاڙيو تير نہ ڪو

ماريو پَڪُ نہ ڪو

منهنجي هِن مهاڳ تان

ڪيو ڇو تا ڪانئرو ! ڪُوريءَ ۾ ڪڙڪو؟

ماريو پَڪُ نہ ڪو

منهنجي هِن مهاڳ تان

جيڪو ٽُنَو تارئَين ، منهنجو هو مٽڪو

ماريو پَڪُ نہ ڪو

منهنجي هِن مهاڳ تان

---

*ڏينهن تتي ۾ آرام جو وقت.

پڙڪو ڪائي باڪ

ايندي پورب پار ڪان

لِڪي ويندا لوڪ ڪان ، چُرين منجهه چراخ *

سينگاريندِي سَرَ ڪي، هر ڪاوڻ جي شاخ

اوپر ڪي اِن جاءِ ڪان، لڳٽي آهي لاڪ

آخر ڪنهن ته اُرَهَ تي ، پَڇي پوندي ڊاڪ

پڙڪو ڪائي باڪ

ايندي پورب پار ڪان

* سنڌيءَ ۾ خ ۽ ڪ وارا ڪافيا صوتي اثر ڪري جائز سمجهيا ويندا آهن

اِجھو تو آئُون

ماريان مچ ڪلاچ جو

ٿِــري گِـري ٿِيـڙ ۾ ، اُٿنـدو اِتائُــون

اِجھو تو آئُون

ماريان مچ ڪلاچ جو

وري لهنـدي وِيرڪـا ، مانگـر متـائُــون

اِجھو تو آئُون

ماريان مچ ڪلاچ جو

گُهليون اڳ گرداب تي، هيئن نہ هوائُون

اِجھو تو آئُون

ماريان مچ ڪلاچ جو

چانئين رات - اماس

پوءِ بہ سَرَ تي سوجهرو
چوڙيليءَ چمڪائيا ، اکين جا الـماس
چانئين رات - اماس

مون سان گڏجي ميندرا ، وٺ گلن جا واس
چانئين رات - اماس
باريا ڏِيا ڏات جا ، ڪويءَ ڪاليداس
چانئين رات - اماس
پوءِ بہ سَرَ تي سوجهرو

نينگرِ نِموريون

چاٽيون چَپَرَ - ڪٽ تي

لوڏا ڏيئي لامَ ڪي ، پِپليون ۽ پُوريون

نينگرِ نِموريون

چاٽيون چَپَرَ - ڪٽ تي

گُجَرِ پَريا گج ۾ ،چاٽا ۽ چُوريون

نينگرِ نِموريون

چاٽيون چَپَرَ - ڪٽ تي

سجائَي سرير ۾ ، آسُون اَڌوريون

نينگرِ نِموريون

چاٽيون چَپَرَ - ڪٽ تي

ڏاريا* ڏنارن
ٻيرن ٻگنوارن
لوڙي ڇڏيا لوءِ مان
رنگايون رت - چاڙهِ ۾ ، پڳون پاڳارن **
ڏاريا ڏنارن
ٻيرن ٻگنوارن
لوڙي ڇڏيا لوءِ مان
آگم پَسي اُپ ۾ ، جهيڙيو جهونجهارن
ڏاريا ڏنارن
ٻيرن ٻگنوارن
لوڙي ڇڏيا لوءِ مان

*غير - اوپرا - اُديسي
** پڳدرا - چڱا مڙس

ٻاگهيون، ٻَهڳُٽيون
مايون شهر اُلهاس* جون
سيئي سرجڻهار جي ، املهه تو اُٽيون
ٻاگهيون، ٻَهڳُٽيون
مايون شهر اُلهاس جون
پنيراڪي پنيوريون ، باغن منجهه پُٽيون
ٻاگهيون، ٻَهڳُٽيون
مايون شهر اُلهاس جون
چيٽيءَ جي چانداڻ ۾ ، ڪهڙا گُلَ چُٽيون!
ٻاگهيون، ٻَهڳُٽيون
مايون شهر اُلهاس جون

* اُلهاس نگر - بمبئيءَ جو اُپنگر، جنهن کي اُتان جي سنڌين پنهنجي پکهر جي پورهئي سان جوڙي تيار ڪيو آهي. اُلهاس کي سنڌو نگر به چيو ويندو آهي.

ساهَن جي سرهاڻ

آئـــي آذيءَ رات جـــو

آهي ڦـاهـيءَ گـهـاٽ تـي ، چوڏاري چـانـڊاڻ

سرجيو سرجڻهار ! تئي ، ڪارونجهر ڪنهن ڪاڻ ؟

ماتمر آ مخلوق ۾ ، هـڪـڙي پنـهـونءَ ڪـاڻ

ساهَن جي سرهاڻ

آئـــي آذيءَ رات جـــو

ڏئَـي ڪـومـوٽـائَـي

راتيون شهر اُلـهاس جون

ڪيـڏوويـٽـي ڪلـپـنا

تـن مـن تـڙپـائَـي!

ڏئَـي ڪـومـوٽـائَـي

راتيون شهر اُلـهاس جون

ڳالهيون ڪنهن تہ ڳهير جون

ويـو ڪـورجـائَـي

ڏئَـي ڪـومـوٽـائَـي

راتيون شهر اُلـهاس جون

ڪو تہ اسان جي اَئٽ جي

سُٽَ ڪـي سُلـجهـائَـي

ڏئَـي ڪـومـوٽـائَـي

راتيون شهر اُلـهاس جون

ڪھڙا ڳُڻ ڳڻيون!

ھري! * تنھنجيءَ ھند جا

اُنيون جي الھاس ۾، مون تي مينھن ڪٽيون

ڪھڙا ڳُڻ ڳڻيون!

ھري! تنھنجيءَ ھند جا

واٽون گلن واسيون، ڦُوھارا ڦٽيون

ڪھڙا ڳُڻ ڳڻيون!

ھري! تنھنجيءَ ھند جا

ڪلا **، پارُو***، پوپٽي، **** سيئي سنڌ - جٽيون

ڪھڙا ڳُڻ ڳڻيون!

ھري! تنھنجيءَ ھند جا

* ھند جو برک ليکڪ ۽ آئي وئي جو آدر ڀاءُ ڪندڙ ماڪيءَ جھڙو منڙو، ھري موٽواڻي
** ۽ **** ڪلا پرڪاش ۽ پوپٽي ھيرا ننداڻي، ھند جون ٻہ برک ليکڪائون
*** پارُو چاولا - راڳ ديوي

مون ڪيرت * جي ڪاڻ

پوکيا گل گلاب جا

سَرو سَپن - گاڏڻون ، چاٽيءَ منجهہ نہ چاڻ

آندي تہ اُلهاس ڪان ، هيءَ هيرن جي ڪاڻ

جِتي ڪيٽ ڪٽوريا ، ساهن جيءَ سرهاڻ

مون ڪيرت جي ڪاڻ

پوکيا گل گلاب جا

* هند جو برک تخليقڪار ۽ ڏاهو، ڪيرت ٻاٻاڻي.

منهنجا موهن * کي
ساري ڏيج سلامڙا
لوڏ سجاڻي لاهجان ، جهوليون پريم جي
منهنجا موهن کي
ساري ڏيج سلامڙا
هِنيون منهنجو هيڪلو ، جهوريءَ منجهه جهڄي
منهنجا موهن کي
ساري ڏيج سلامڙا
ڪنهن کي اُن قريب جو ، ڏوراپو نہ ڏجي
منهنجا موهن کي
ساري ڏيج سلامڙا
چنل گلڙو باغ جو ، گلن سان گڏجي
منهنجا موهن کي
ساري ڏيج سلامڙا

* هند جو اعليٰ تخليقڪار ، موهن ڪلپنا ، جنهن جي ماٺ بہ ڳالهائيندي رهندي آهي.

آنند، وٺان نند*

سوين مليا سوڪڙي
هر ڪنهن ماڻهوءَ ڪي هُتي
ڪيڏا آهن ڪنڌ!

آنند، وٺان نند

سوين مليا سوڪڙي
اُٺيا مون ارواح ۾
پاٽياريءَ جا پنڌ

آنند، وٺان نند

سوين مليا سوڪڙي
نِسري پيا نند مان
هُوييٽيون، هُوهنڌ

آنند، وٺان نند

سوين مليا سوڪڙي

---

* جديد ادب جو سڄاڻ شاعر ۽ نقاد، نند جويري

مُڪا هَن موهن
سنــگـت لاءِ سـلامـڙا
رتيون، ماسا ، تولڙا ، ٿويا ، پاٿيون، ٿن
مُڪا هَن موهن
سنــگـت لاءِ سـلامـڙا
ڪايا اُن ڪلتار جي، ڪانُو توڙي پن
مُڪا هَن موهن
سنــگـت لاءِ سـلامـڙا
اُيـا تَڙَ اُلـهـاس جا ، منـهـنـجو ڇپر ڇـن
مُڪا هَن موهن
سنــگـت لاءِ سـلامـڙا

مون ۾ آهہ مَهَڪَ

اجــان يــي اُلــهـاس جــي

جِتــي رُتِ رابــيل جـــي ، جِتــي ڦُٽـــن اَڪَ

مون ۾ آهہ مَهَڪَ

اجــان يــي اُلــهـاس جــي

اڄ ڪلهہ جي انسان جا ، ٽـڙيا جِت ٿهَڪَ

مون ۾ آهہ مَهَڪَ

اجــان يــي اُلــهـاس جــي

ڏول پرينڊي ڏٽ جا ، ميـڙي ٽَڪس مَڪَ

مون ۾ آهہ مَهَڪَ

اجــان يــي اُلــهـاس جــي

گهمي گسَ گرنار جا ، ٽـر ۾ لاٽـم ٽَڪَ

مون ۾ آهہ مَهَڪَ

اجــان يــي اُلــهـاس جــي

ٺاڪر * ڀَري ٿال
هيرا ، موتي، لال
گهرَ، گهرَ تو تان گهوريا
ڏنم پنهنجا ڏينهڙا، صديون تو کي سال
سُکيو هجئين ساٿڙو، ڪير نہ ڏِسي ڪال
مومل ** سوڍو ميندرا ! جُڳَ جُڳَ جئَين شال!
ٺاڪر ڀَري ٿال
هيرا ، موتي، لال
گهرَ، گهرَ تو تان گهوريا

* ٺاڪر چاولا، جنهنجي سرِ شاهہ، سچل، سامي انتر راشٽريہ سيمينار ۾ اندو - سنڌ مشاعري جو سَهرو ٿو سونهَين.
** ٺاڪر چاولا جي گهر واري، پارُو چاولا - سيمينار جي موقعي تي شويا، نيها ۽ پارُوءَ جي سيوا ۽ سهڪار دلين تي اڻوسرندڙ نقش ٺاهي ڇڏيا آهن.

مون سو پيتو مڌ

جنهن ۾ سُرت سرير جي

سَري هو ساڃو ڪيو، اندر منهنجو اڌ

مون سو پيتو مڌ

جنهن ۾ سُرت سرير جي

ڪيرتُ پاڻ ڪلال آ، وارو تون پيي وڌ

مون سو پيتو مڌ

جنهن ۾ سُرت سرير جي

هاڻي هر تخليق جو، ڪيڏو آهي قد

مون سو پيتو مڌ

جنهن ۾ سُرت سرير جي

ڪيڏو ڪري پنڌُ!

ارپيم پاڻُ اُتم * کي

گھورَ ڪيان اُن گھوٽ تان، توڙي گھُري ڪنڌ

هِت هزارين مامرا، هُتِ نہ ڪوئي انڌ

ڏاتارن جي ڏيهہ ۾، ڪوئي ٿير نہ ٿند

هِتي ماٺو اوپرا، هُو نہ اهڙو هنڌ

سيئي بَڙ، سُنهانجڙا، سنڌوءَ جو سوڳند

ڪيڏو ڪري پنڌُ!

ارپيم پاڻُ اُتم کي

*هند جو برک تخليقڪار ۽ پڙهيل ڳڙهيل انسان ، اي - جي اُتم

ڪڏهن تون ڪمل ! *

سهڻا ، ايندين سنڌ ۾ ؟

آهين آد - جڳاد کان ، اسان ۾ ادل !

سوين ڏيانءِ سوڪڙيون، ڪوٽيون ۾ ڪنول

انب ، ليمان ، ڦاروان ، موتيا ماڪ - ڀنل

پڙهيا هن پرڀات جو، اسان انگ ڊنل

ڪڏهن تو ڪمل !

سهڻا ، ايندين سنڌ ۾ ؟

* هند جو برک شاعر ايم - ڪمل، جنهن ڪي غزل جو بادشاهه نه ٿي سهي، پر وڏو وزير ضرورچيو ويندو آهي.

اڪيون ڪري پيرَ

ارپيم پاڻُ اُتم ڪي

جيوت * وڏا جهول ۾

ڳاڙها ڳاڙها پير

اڪيون ڪري پير

ارپيم پاڻُ اُتم ڪي

نڪو يَوُنيورجو

نڪي ڏنگا ڏير

اڪيون ڪري پير

ارپيم پاڻُ اُتم ڪي

لڪان ٿو اُن لوڪ جون

ساروٽيون سوير

اڪيون ڪري پير

ارپيم پاڻُ اُتم ڪي

* هند جو اديب، جيوت چاولا، جنهن وٽ گهاريل پرھ جهڙا پلزندگيءَ پر ياد رهندا. جيوت چاولا، ٺاڪر چاولا جو ننڍو ڀاءُ آهي، جيڪي راٽيپور جا رهواسي هئا. سندن گهر ۾ هن وقت سچل سرمست ڪاليج آهي.

صبحَ سبايو

جَورو مون جگدِيش *جو

اڳٽ ** پيي اِتهاس جو، آ مون اُٽايو

صبحَ سبايو

جَورو مون جگدِيش جو

لِکو لَکَ سلامڙا، خط نہ ڪُٽايو

صبحَ سبايو

جَورو مون جگدِيش جو

نُئون نياپو نينهن جو، پيو ڪو پُڏايو

صبحَ سبايو

جَورو مون جگدِيش جو

ڪيڏو اُن ڪلتار آ، ناتو نيايو!

صبحَ سبايو

جَورو مون جگدِيش جو

---

* هند (اُلهاس نگر) جو برک تخليقڪار، جگديش لچاڻي، جيڪو جڏهن منوهر بيديءَ سان ملندو آهي تہ هڪ ڪير ۽ پيو ڪنڌ تي پوندو آهي.
** سنڌ جي عشق مجاز جي روائتي سوکڙين مان هڪ سوکڙي. مون بہ پنهنجي يار جگديش لاءِ روايتن تي عمل ڪندي، رومال، اڳٽ ۽ ٽوپي تيار ڪرائي ڇڏيا آهن.

بيوس ۽ بجاجَ*

ٻولُ وساريو پن جو
ڪيڏو ڪنهنجي پيار جا، ماڻهو هَن محتاجَ!
بيوس ۽ بجاجَ

ٻولُ وساريو پن جو
موهيو مگٽهار ڪي، راول جي رواجَ
بيوس ۽ بجاجَ

ٻولُ وساريو پن جو
گُرو، چيلا گڏ ٿيو، ڪيو سَڏُ سماجَ
بيوس ۽ بجاجَ

ٻولُ وساريو پن جو

* هند (اُلهاس نگر) جو اديب، ڪرشن لال بجاج

اِجهو ڪِي آيا
ماڻهو شهر اُلهاس جا
واسي تي وجود کي
ڪنهنجي آڪايا؟
اِجهو ڪِي آيا
ماڻهو شهر اُلهاس جا
ڏِسي آيس ڏيهہ جي
ڌرتيءَ جا ڄايا
اِجهو ڪِي آيا
ماڻهو شهر اُلهاس جا
هِرِيءَ هاسيڪار ها
ڇِپَرو وڇايا
اِجهو ڪِي آيا
ماڻهو شهر اُلهاس جا
ماڻهوءَ سان گڏ مُلڪ جِي
مِٽي آمايا
اِجهو ڪِي آيا
ماڻهو شهر اُلهاس جا

مون سان مُڪائُون

سنـــگت لاءِ ســـلامـــڙا

پــائـَـي ڳـل ڳـراٽڙيــون، رَتُ تـــي رنـــائُون

ادا ، يائـــو، يــائـڙا ، ســائيـــن سڏيــائـُـون

نندِيون، وڏيون، نينگريون، منهنجون ڪي مائُون

ڪـــوڙين ڏيئـــي قـــربڙا ، ٻـــوليـــن ٻـڌائـُـون

پاتائُون پريت جون، مـــوتين - مـــالهـــائُـــون

مونسان مُڪائُون

سنـــگت لاءِ ســـلامـــڙا

آيو هان آئُون

هَري ! تنهنجيءَ هند ۾

تو لئي سَوَ سلامڙا ، مون سان مڪائُون

جاني ! وجهي جهول ۾ ، آيس آشائُون

تڏي هير ترن جي، نمن جون ڇائُون

سُرهو پاٽي سنڌ جو، آندم نائُون

آيو هان آئُون

هَري ! تنهنجيءَ هند ۾

سنڌوءَ ڇاين ساڻُ

گهاري آيس ڏينهڙا


پسان شال پنهوارڪو، وري سو وٿاڻُ

ڪَلا مٺ ڪلال جا، پرهه جهڙو پاڻُ

سِبيو جن سرير ۾، آزادي اهڃاڻُ

سنڌوءَ ڇاين ساڻُ

گهاري آيس ڏينهڙا



- هن صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن غلام هندستان جي آزاديءَ جي هلچل زور ورتي ته ان وقت مهان ڪوي بنڪم چندر چٽرجيءَ به ديش کي 'ماتا' جي روپ ۾ پيش ڪيو هو ۽ ان جي استتي ڪندي 'وندي ماترم' گيت لکيو هئائين. اڄ تاجل به سنڌو - ماتا جي روپ ۾ واڪاڻ ڪري رهيو آهي: 'ڪير تنهنجو پيان، وَر تنهنجو وڻان.' گيت جي سنيهه ۽ سادگيءَ جي مهانتا جي جيڪڏهن پيٽ ڪرڻي هجي ته سرچ 'شاهه ڀٽائي' ۽ 'مارئي' تائين وڃي پهچ ڪندي.
- اڄ تاجل جي شاعري حب الوطني واري شاعريءَ مان بدلجي مڪمل قومي شاعريءَ واري رنگ ۾ آئي آهي. تاجل جي شاعريءَ جو جوڀن جواني سندس بيتن ۽ واين ۾ آهي.
- منظر ڪشيءَ ۾ ته تاجل پنهنجو مٽ پاڻ آهي. بنا رنگن ۽ برش جي ڪو رنگبرنگي چٽ چٽڻ وارو چتر ڪار ڏسڻو هجي ته تاجل کي ڏسجي. ان ڪري ئي شيخ اياز به کيس مصور شاعر ڪري سڏيو آهي.
- تاجل جي شاعري لريڪل (راڳ ڀري) شاعري آهي. راڳ تاجل جي شاعريءَ جو روح آهي، جنهن سان سندس شاعريءَ جي ڪا ازلي سڳا بندي ٿي ڏسجي.
- ٻوليءَ تي تاجل کي جيڪا دسترس آهي، اهڙي مان سمجهان ٿو ته سنڌيءَ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ شاعرن کي رهي آهي. تاجل جي خيال جي اڏام به بي جوڙ آهي.
- تاجل جي سُر مارئيءَ ۾ حب الوطنيءَ جي جذبي وارو ڪلام پڙهي، مون کي ائين لڳو هو، ڄڻ ڀٽائي گهوٽ شاهه لطيف منهنجي وقت ۾ به لکي رهيو آهي ۽ سندس ڪلام گويا تاجل جي نالي ۾ ڇپجي رهيو آهي.
- تاجل، شاهه، سچل ۽ سامي انتر راشٽريه سيمينار تي هتي ڀارت ۾ آيو ته سڀني جو من موهي ڇڏيائين. جتي به هليو، ٻٽيهه ڏينا ٻاري سندس سواگت (آجياڻو) ڪيائون -

هيرو ٺڪر